# ايڊيٽوريل

سماج ۾ جڏهن رياست جا سمورا ادارا عام جي اهنجن جو حل ٿيڻ بجاءِ پاڻ ئي عذاب بڻجي پوندا آهن، تڏهن عوام جي ڪاوڙ ۾ شدت اچي ٿي. هن ديس ۾ گذريل اڌ صديءَ کان عوام جي ڪاوڙ ۽ مونجهاري مان ”اقتدار پرست“ سياستدانن فائدو ورتو آهي. ۽ عوام جي دردن تي لفظن ۽ بيانن جا مرهم رکيا ويا آهن. اهڙين حالتن ۾ صحافت جو ڪردار سياسي ڌرين، انتظامي ادارن ۽ رياست تي ڪرڙي نظر (Check) رکڻ هجي ٿو.

اڄڪلهه صحافتي دنيا ۾ ”Information“ تي گهڻو زور ڏنو وڃي ٿو. پر ٽين دنيا ۾ خاص طور اسان جي ديس ۾ جتي سماجي شعور جي سطح تمام گهٽ آهي، اتي صحافت جو ڪم فقط معلومات رسائڻ نٿو ٿي سگهي. هتي صحافت جي ذميواري پڙهندڙن جي شعوري سطح کي اڀارڻ پڻ هجي ٿي. جيئن ته اولهه جي سماجي سطح ۽ ٽين دنيا جي سماجي سطح ۾ تمام گهڻو فرق آهي، تنهن ڪري اُتي ۽ هِتي جي ادارن جي وصفن ۽ ذميوارين ۾ حالتن موجب فرق اچيو وڃي. ان ڪري ئي اسان کي پنهنجي سماجي حالتن ۽ ضرورتن تحت پنهنجي ذميوارين کي سرانجام ڏيڻ لاءِ پنهنجو بهتر ڪردار ادا ڪري سماج کي سڌين رستي تي آڻڻو آهي.

”سالار“ هتي جي سماج ڏانهن پاڻ کي ذميوار سمجهي، صحافت جي دنيا ۾ قدم رکيو آهي، جيڪو هر دفعي توهان جي تنقيد ۽ راءِ جو منتظر رهندو.

”اونداهين سان جيڪو الجهي، چاندوڪين کي چاهي،
ڪوئي آهي، ڪوئي آهي، جيڪو سچ چوي“

## زبل پاڪ: سنڌ جي صنعت تباهيءَ طرف ڇو پئي وڃي؟

17

## تخت لاهور جي غلامي کان آزادي ڏانهن





13- نئين خانہ جنگي کي دعوت

16- ڪالا باغ ڊيم: مبشر حسن

22- معاشي بحران: پاڪستان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟

24- بين الاقوامي ڪمپنين جون پاليسيون

29- ڪئمپس ڪارنر

30- تبديلي جي رخ جو تعين ڪرڻ جي ضرورت

31- انصاف جي ڳولا ۾

32- جينيٽڪ انجنيئرنگ جا نوان ڪمال

33- شاعري ۾ عڪس بندي

36- انسان ڇا آهي؟

40- ڪهاڻي

46-ڇا متحده حڪومت کان الڳ ٿيندي؟

47- شاعري


## ڪلچر آرٽ اسڪرين

42



ٽائيٽل آرٽيڪل

# ڇا پاڪستان ٽٽي ويندو؟

پاويل جوٽيجو

پاڪستان جي سياسي حلقن ۽ اخباري ڪالمن ۾ اڄ ڪلهه اهو بحث انتهائي سنجيدگيءَ سان هلي رهيو آهي ته نواز شريف حڪومت جون سياسي اقتصادي پاليسيون، صوبائي حڪومتن ڏانهن رويو ۽ ملڪ جي ٽن صوبن جي عوام جي راءِ جو احترام نه ڪرڻ واري رويي جو نتيجو ڪٿي ملڪ جي ٽٽڻ جي صورت ۾ ته نه نڪرندو؟

پنجاب جي ضياءَ شاهد جهڙن دانشورن جو خيال آهي ته نواز شريف جي سياسي ۽ اقتصادي پاليسين ڪري پاڪستان سياسي ۽ اقتصادي طور تي مضبوط ٿي رهيو آهي! جڏهن ته پاڪستان جي ٽن صوبن سرحد، بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جي ترقي پسند دانشورن جو خيال آهي ته نواز شريف جون حڪومتي پاليسيون ملڪ کي ٽوڙي ڇڏينديون!



ڪري ڪالاباغ ڊيم، مردم شماري، اين ايف سي ايوارڊ ۽ ٻين مسئلن تي گڏيل جدوجهد ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪا آهن.

نواز شريف جي هن وقت هر" قومي ايجنڊا" جنهن ۾ ناٽي جي ورهاست، ڪالاباغ ڊيم، مردم شماري جو اعلان، احتساب يا ٻيا انتظامي عمل ملڪ جي وحدت کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ سياسي ڏڦيڙ جو سبب بنجي رهيا آهن ۽ ان خلاف ٽي قومون ۽ اردو ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ آبادي، نواز شريف کي پنجابين جو نمائندو سمجهي، اها شڪايت ۽ احتجاج ڪري رهيا آهن ته نواز شريف پاڪستان ۾ رهندڙ ٻين قومن ۽ آبادين کي پنجابي قوم جو غلام بڻائڻ چاهي ٿو. اهوئي نقطو آهي جنهن ڪري پاڪستان جي ٽن صوبن ۾ هڪ تحريڪ جنم وٺي رهي آهي، جنهن تحريڪ جو بظاهر مطالبو اهو آهي ته ڪالاباغ ڊيم نامنظور، مردم شماري نتيجا نامنظور، نواز شريف جون حڪومتي پاليسيون نامنظور، پر جيڪڏهن نواز شريف انهن تحريڪن جي انهن مطالبن تي ڌيان نه ڏنو ته اهي تحريڪون پاڪستان جي ٽٽڻ جو سبب بنجي سگهن ٿيون!

> *سرحد ۽ بلوچستان ۾ پنهنجا اتحادي وڃائڻ ڪانپوءِ هاڻي سنڌ ۾ به حڪومت جي اتحادي ڌر ايم ڪيو ايم، نواز شريف جي اڪثر سياسي عملن جي حمايت ڪرڻ کان نابري واري سنڌ جي قومپرستن جي ويجهو اچي رهي آهي. سرحد، بلوچستان ۽ خصوصن سنڌ ۾ قومپرست، ترقي پسند ۽ وفاق پرست صوبن جا معاشي ۽ سياسي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ نواز شريف خلاف متحد ٿي رهيا آهن ۽ تحريڪون هلائي رهيا آهن. ان ڪري صورتحال اها بيٺي آهي ته پاڪستان معاشي طور تي ڪنگال ۽ سياسي طور سخت بحران جو شڪار آهي. جيڪڏهن نواز شريف پنهنجي موجوده سياسي ۽ حڪومتي عملن تي بضد رهيو ته معاشي طور تباهه حال پاڪستان جو مستقبل سواليه نشاني بنجي ويندو.*

*مجموعي صورتحال:*

نواز شريف جي حڪومت ۾ پاڪستان جي مجموعي معاشي ۽ سياسي صورتحال اها بيٺي آهي ته ملڪ اقتصادي طور ڏيوالپڻي جو شڪار آهي. حڪمران روزانو روپئي جي قيمت ڪيرائي ٻاهريون ناڻو پاڪستان آڻڻ جي ڪوشش ۾ آهن، پر جيترو به روپئي جي قيمت ڪيرائين ٿا روزانو ايترو ناڻو ٻاهران اچڻ بند ٿئي ٿو.

نواز شريف جي مالياتي ايمرجنسي به ملڪ جي اقتصادي صورتحال تبديل ڪري نه سگهي. ملڪ جي وڏن واپاري ايڪسچينجن جي حالت تباهيءَ جي ڪناري تي آهي. هڪ سروي مطابق ڪراچي، لاهور ۽ ٻين ملڪن جي هنڊن تي روزانو ٽن ڪان چئن اربن جو نقصان ٿي رهيو آهي. حالت اها آهي ته ملڪ جي تعليم ۽ صحت جا شعبا ۽ مواصلات ٻاهرين امداد ڪانسواءِ هلي نٿا سگهن، جيڪا امداد به بند ٿيل آهي. نواز شريف وارو " ڪستو نه ڪٽڻ" وارو اعلان ناڪام ٿي چڪو آهي، جو سنڌس اقتصادي ماهر ۽ وزير خزانه سرتاج عزيز پاڪستان کي هلائڻ لاءِ ڪڏهن ورلڊ بينڪ ته ڪڏهن آءِ ايم ايف ته ڪڏهن عرب ملڪن ڏانهن پنڻ وڃي رهيو آهي ۽ ملڪ جون حالتون اهي آهن جو نواز شريف حڪومت ڪنهن به بيروزگار کي روزگار نه ٿي ڏئي سگهي، پر ڪافي ادارن مان لکين تعداد ۾ ماڻهو بيروزگار ڪري ڪم هلايو پيو وڃي. عوام جي سماجي ڀلائي وارا ترقياتي ڪم بند آهن.

نواز شريف جي سياسي عملن ڪري سنڌس اتحادي آهستي آهستي رسي رهيا آهن. ملڪ ۾ سياسي بحران چوٽ چڙهيل آهي. نواز شريف جي صرف پنجاب کي سياسي ۽ معاشي سهولتون ڏيڻ واري عمل پاڪستان جي وفاقي نظام کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جو نواز شريف جون حمايتي صوبائي حڪومتون سرحد، بلوچستان ۽ سنڌ سنڌس جي خلاف ٿي بيٺيون آهن، جو هر دفعي هن کان پنهنجو مالياتي حق گهري رهيون آهن ۽ ان ڪانسواءِ سرحد ۽ بلوچستان ۾ پنهنجا اتحادي وڃائڻ ڪانپوءِ هاڻي سنڌ ۾ به حڪومت جي اتحادي ڌر ايم ڪيو ايم، نواز شريف جي اڪثر سياسي عملن جي حمايت ڪرڻ کان نابري واري سنڌ جي قومپرستن جي ويجهو اچي رهي آهي. سرحد، بلوچستان ۽ خصوصن سنڌ ۾ قومپرست، ترقي پسند ۽ وفاق پرست صوبن جا معاشي ۽ سياسي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ نواز شريف خلاف متحد ٿي رهيا آهن ۽ تحريڪون هلائي رهيا آهن. ان ڪري صورتحال اها بيٺي آهي ته پاڪستان معاشي طور تي ڪنگال ۽ سياسي طور سخت بحران جو شڪار آهي. جيڪڏهن نواز شريف پنهنجي موجوده سياسي ۽ حڪومتي عملن تي بضد رهيو ته معاشي طور تباهه حال پاڪستان جو مستقبل سواليه نشاني بنجي ويندو.

شريف صوبائي خودمختياريءَ واري گهر کي ڳڙڪائيندي رڳو عوام کي اها دلجاءِ ڏني تہ ”سنڌين ۽ پٺاڻن تي ڪالا باغ ڊيم جو فيصلو زوريءَ نہ مڙهبو، اتفاق راءِ بنا ڊيم جي اڏاوت شروع نہ ٿيندي. مون اڳ بہ چيو هو ۽ هاڻ بہ سينيٽ جي فلور تان ذميواريءَ سان چوان ٿو تہ جيستائين سڄو ملڪ متفق نہ ٿيندو، ڊيم جي اڏاوت لاءِ هڪ سر بہ نہ رکي ويندي.“

متيءَ جي ڊيم سان ”سِرَ“ جو ڪهڙو تعلق؟! سو تہ صنعتڪار وزير اعظم ئي ڄاڻي سگهي ٿو پر سنڌ جي عوام وزير اعظم جي ان ٻولاٽيءَ کي ڪمون شهيد، اٽڪ خيرآباد پل ۽ ڪوئيٽا ۾ هڪ ئي وقت احتجاج جي اڳواڻ ڪاميابي سمجهيو.

حڪمت عملي ٿي حڪمت عملي پر بينظير ڀٽي جي ڌرٽي جي سرواڻيءَ واري فيصلي جتي سنڌ سميت سمورن ننڍن صوبن جي عوام کي سرهائي، حاڪمن ۽ حڪمرانن کي ڪُتيون ڏنيون اتي خود بينظير تي پنهنجي پارٽي جي ڪالا باغ ڊيم حمايتي پنجابي لابي ۽ وفاقي سطح جي اتحادي پنجابي ڌرين نفسياتي دٻاءُ ايترو وڌايو جو 10 آگسٽ واري ريليءَ واري خطاب ۾ هن کي پنهنجو پاڻ کي Balance ڪرڻو پيو. تہ ”ڪالا باغ ڊيم وفاق خلاف سازش آهي. ملڪ ۾ بيچيني ۽ مايوسي پکڙيل آهي مون کي نااهل قرار ڏنو ويو تہ وفاقي سياست ختم ٿي ويندي، اجوڪي ڌرٽي بعد اسين حڪومت جو رويو ڏسنداسين، انهن موٽ نہ ڏني تہ پوءِ دوستن سان گڏجي حڪمت عملي ٺاهينداسين. اسان جو پاڪ آرميءَ سان ڪوبہ جهيڙو نہ آهي. انٽيليجنس وارن سان ڪوڙ شڪايتون آهن جيڪڏهن وفاق آهي تہ سڀ برابر آهي، هتي اسانکي حڪمرانن ٻئي درجي جو شهري بنائي ڇڏيو آهي“ نہ رڳو تقرير ۾ پر ريلي ۾ پيش ڪيل نعرائن ۾ بہ صوبائي خودمختياري کي ڇُهيو ئي نہ ويو هو. ائين بہ ڪونهي تہ ڪو نعراءَ اسٽيج جي پر ۾ ٻيڻي ڪمپيئرنگ دوران لکيا ويا هجن، ڇو جو ڏهن نعرائن جي ڪنهن ڪنهن نعراءَ ۾ ٻيا ذيلي نعراءَ بہ ڏنا ويا آهن ايستائين جو نيشنل هاءِ وي کي نعرائڻ جي بہ گهر ڪئي وئي آهي!

سنڌ واري احتجاجي ريلي ۾ پٺاڻن جي نمائيندگي امين خٽڪ، پختون خواه واري احتجاجي ريلي ۾ سنڌ جي نمائندگي جلال شاهہ ۽ ڪوئيٽا واري احتجاجي ريلي ۾ پٺاڻن جي نمائندگي اجمل خٽڪ ڪري پٺاڻن ٽنهي جاين تي پنهنجي شرڪت ڏيکاري پر اسان پنهنجي رٿابنديءَ ۾ ڪمزوري ثابت ڪئي. ڪوئيٽا ۾ عوامي نيشنل پارٽي، پختون خواه ملي عوامي پارٽي، پختون خواه قومي پارٽي بلوچستان نيشنل پارٽي، بلوچستان نيشنل مووومينٽ، جمهوري وطن پارٽي سميت ٻين ننڍين پارٽين جي گڏيل ريلي ۾ شامل ڌريون بہ ۽ سنڌ ۾ سنڌ نيشنل فرنٽ، پ پ شهيد ڀٽو ۽ متحده قومي مووومينٽ کان سواءِ باقي سمورين سياسي سماجي ادبي ثقافتي. فني ڌرين جي اتحاد سان نڪتل ريلي ۾ شريڪ ڌريون بہ ڪالا باغ ڊيم جي حوالي سان تہ متفق هيون پر نظرياتي توڙي حڪمت عملين ۾ ڪٿي ڪٿي تہ بلڪل هڪ ٻئي جي ابتڙ بہ هيون اهو ئي سبب هو جو بينظير ڀٽو ايم آر ڊيءَ جهڙي ڪنهن اتحاد جي امڪانن کي ريلي واري خطاب ۾ ئي رد ڪري ڇڏيو هڪ ٻي کي

”استعمال ڪري وڃڻ“ وارن ڪتڪن ۾ ڀڄائيءَ کي ڀهتل اها ريلي ڪا انتهائي غير معمولي تحريڪ بڻجي نہ سگهي!

بينظير ڀٽو حڪمرانن وٽان ڪهڙي موٽ جي اميد ٿي رکي، اهي تہ آهن ”سگنلس“، جيڪي سمجهڻ وارا سمجهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اها ”اميد ڀري موٽ“ ملي بہ ويندي آهي. متحده وارن بہ ڀٽي چيو تہ سندن جيئڻ مرڻ ۽ دفنائجڻ بہ سنڌ سان آهي ان ڪري سنڌ جي حقن جي حفاظت جسقم وارن سان گڏ ڪنداسين پر سنڌ اسيمبليءَ واري اجلاس کان وٺي ڪمون شهيد تائين هنن جيڪا سنڌ جي حقن جي حفاظت ڪئي، تنهن جو اجورو ڪين ملي بہ ويو پر ڪنهن کي ڪا سرت پئي؟ ممتاز ڀٽي کي تہ ”شهباز شريف“ ڪالا باغ ڊيم نہ ناهڻ جي ”پڪ“ ڏني هئي، پير پاڳاري ريٽي جي لڳاتار ڪرنڊڙ ويليوءَ جي ڪري سڌا ڊالر گهريا هئا، پ پ شهيد ڀٽو وارن کي پ پ پ ڏانهن ”رزرويشنس“ هيون پر شاهہ محمود قريشيءَ کان سواءِ پ پ پنجاب جو ڪوبہ اڳواڻ ڇو ريلي ۾ شريڪ نہ ٿيو اعلان جي باوجود جي يو آءِ (ف) جو ڪوبہ مک اڳواڻ شرڪت لاءِ ڇو نہ آيو؟ اهي اهڙا سوال آهن جن تي ويچار جي ضرورت آهي.

بحر حال ڊيم جي مسئلي ملڪ جي ٽن وحدتن (UNITS) کي هڪ صوبي خلاف سامهون آڻي بيهاريو. نتيجي ۾ ننڍن ٽن صوبن ساڻن گذريل 50 سالن کان وڏي صوبي طرفان جاري وساري زيادتين، خاص طور تي ملڪ جي وفاقي نظام کي عملي طور تي يونيٽري UNITARY نظام حڪومت ۾ تبديل ڪرڻ، جنهن جي نتيجي ۾ صوبا مرڪز (جنهن جي سول توڙي فوجي آفيسر شاهي ۾ پنجاب جي اڪثريت آهي) آڏو محض هڪ ڪالوني جي حيثيت ۾ رهن ٿا، انهن ۽ ٻين انيڪ زيادتين خلاف صوبن طرفان آواز اٿڻ لڳو، انهن سڀني مسئلن کي وڏيڪ واضع مخالف ڌر جي اڳواڻ محترمہ بينظير ڀٽو جي ان جملي ڪيو جنهن ۾ هن سنڌ ۽ سرحد جي سنجيده سياسي ڌرين سان گڏجي ڪيو، محترمہ ”تخت لاهور“ کان نجات جو نعرو بلند ڪندي، اهڙي طرح تخت لاهور جي وسيع تصور ۽ ڇتي (Broader Concept And Umbrella) اندر مرڪز طرفان صوبن سان ٿيندڙ سمورين زيادتين جي آهستي سجاڳ ٿيڻ شروع ٿي آهي. حالانڪ محترمہ شايد ان تصور کي صرف حڪومتي تبديلي تائين محدود رکي، پر حقيقت ۾ ڪالا باغ ڊيم خلاف شروع ڪيل جدوجهد جيڪا هڪ اشو هئي، ساهاڻ هڪ Larger Whole جو حصو لڳي ٿي.

حڪمران ڀلي ريلين ۾ بدمزگين تي ڪِڇيون هڻن ۽ ريلي بعد پيٽ ۾ ساهہ پوڻ کان پوءِ ڀلي چون تہ ”ڪالا باغ ڊيم هر صورت ۾ ٺهندو“ پر هاڻ سنڌ جو عوام بہ سمجهي چڪو آهي تہ ڪيس ڪڏهن جدوجهد جي ميدان ۾ ”ڪڏي ڪاهي پوڻو“ آهي؟ وقت جڏهن منزلون طئہ ڪندو آ تہ رهبر بہ چوندي ڏيندو آهي.

# Census: The Sub Continental Perspective

# آدمشماري جا نتيجا: نئين خانہ جنگي کي دعوت

قمر الزمان

هن سال جي شروعات ۾ ٿيل آدمشماري جي نتيجن جو اعلان ڪيو ويو آهي. شيڊول موجب نتيجا 18 مهينن کان پوءِ جاري ڪرڻا هئا. نتيجن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نتيجن کي جلدي ظاهر ڪري مسئلن جي بڻي ۾ ٽئون ڀاڱو وڌو ويو آهي، جنهن قسم جا نتيجا ۽ انگ اکر آدمشماري 98ع ۾ پيش ڪيا ويا آهن، انهن تي اهڙو ئي ردِ عمل سامهون آيو آهي جنهن جي توقع انگ اکر مرتب ڪندڙن کي هئي. 81ع 17 سال پوءِ ٿيندڙهيءَ آدمشماري جن شڪن ۽ اعتراضن جي پاڇن ۾ ٿي آهي ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ آدمشماري جي نتيجن کي بہ بجيٽ فارمولي تحت مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي. حڪمران طبقي جي موجوده اقتداري ٽولي کان سواءِ سماج جي سيني سنجيده حصن انهن انگن اکرن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

آدمشماري جي نتيجن جو جائزو بعد ۾ ولون ٿا پر ان کان پهرئين انهن حالتن جو جائزو وٺڻو پوندو جن ۾ آدمشماري ڪرائي وئي. طئي ٿيل طريقہ ڪار موجب 81ع کان پوءِ 91ع ۾ آدمشماري ٿيڻي هئي پر ٽي دفعا ڪوشش ڪرڻ باوجود حڪمران طبقا ائين نہ ڪرائي سگهيا. هڪ دفعو تہ ان وقت جي صدر اسحاق خان کي صدارتي حڪم نامي ذريعي ٿيندڙ آدمشماري کي روڪڻو پيو. ڇو تہ اطلاع موجب سنڌ جي آبادي ايتري قدر وڌي وئي هئي جنهن کي برداشت ڪرڻ حڪمرانن جي وس کان ٻاهر هو.

هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ آبادين جي هجرت ۽ آباد ڪاري سبب مقامي آبادين، قومن، قبيلن ۽ لساني گروپن جي حقيقي بيهڪ تبديل ٿي وئي، پر اهو عمل 1947ع جي لڳ ڀڳ سالن تائين محدود ٿيڻ بجاءِ حڪمرانن جون چوند واري حلقي جي تشڪيل ۽ ٻين مقصدن تحت هميشہ جاري رهيو. اهو عمل قدرتي ۽ اٿر سببن جي بنياد تي بہ ٿيندو آهي، خاص طور تي سرمائيداري جي غير مساوي ترقي جي ڪري ان ۾ تيزي ٿيندي آهي. علائقائي آبادين جو توازن بگڙجي ويندو آهي. اوپر پنجاب کان ايندڙ آبادڪارن جي هڪ وڏي حصي جو وچولي پنجاب ۾ ضم ٿيڻ سان پنجاب جي قومي بنيادن تي ڪو خاص اثر نہ پيو، باقي ڏکڻ پنجاب ۽ پوٺو هار جي علائقي ۾ قوميتون متاثر ٿيون. سڀ کان گهڻا اثر سنڌ ۽ ان جي

## 20 صدي: وڏن شهرن جي آبادي (هزارن ۾)

| شهر جو نالو | 1901 | 1921 | 1941 | 1961 | 1981 | 1998 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪراچي | 136 | 244 | 387 | 1913 | 5208 | 9269 |
| لاهور | 203 | 283 | 672 | 1296 | 2953 | 5063 |
| فيصل آباد | 9 | 28 | 70 | 425 | 1104 | 1977 |
| راولپنڊي | 88 | 101 | 185 | 340 | 795 | 1406 |
| حيدرآباد | 69 | 82 | 135 | 435 | 752 | 1151 |
| ملتان | 87 | 85 | 143 | 358 | 732 | 1182 |
| گجرانوال | 29 | 38 | 85 | 196 | 601 | 1124 |
| پشاور | 95 | 104 | 173 | 218 | 566 | 984 |
| سيالڪوٽ | 58 | 17 | 139 | 167 | 302 | 417 |
| سر گودها | - | 18 | 36 | 129 | 291 | 455 |
| ڪوئٽہ | 25 | 49 | 64 | 107 | 286 | 560 |
| اسلام آباد | - | - | - | - | 204 | 524 |
| جهنگ | 24 | 30 | 50 | 95 | 196 | 292 |
| سکر | 31 | 41 | 66 | 103 | 191 | 295 |
| بهاولپور | 19 | 18 | 40 | 84 | 180 | 403 |
| قصور | 22 | 31 | 53 | 75 | 156 | 241 |
| گجرات | 19 | 22 | 31 | 60 | 155 | 250 |
| اوڪاڙه | - | - | 8 | 68 | 127 | 201 |
| ساهيوال | 7 | 15 | 38 | 75 | 151 | 207 |
| مردان | 4 | 11 | 42 | 78 | 148 | 244 |
| شيخو پورد | | 3 | 22 | 42 | 141 | 271 |
| ميرپور خاص | 3 | 6 | 20 | 61 | 124 | 291 |
| لاڙڪاڻو | 15 | 18 | 28 | 48 | 124 | 270 |
| رحيم يار خان | - | - | 6 | 44 | 119 | 228 |
| نواب شاهہ | 24 | 21 | 32 | 7 | 102 | 273 |

گادي واري شهر ڪراچيءَ تي پيا جتي ڪوڪراپار باردر ڪولي، 50ع جي پوري ڏهاڪي ۾ مخصوص زبان ڳالهائيندڙ فردن کي ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ آباد ڪيو ويو. ان دوران سنڌ جي ڀهراڙين وارن علائقن ۾ پنجابي آبادڪارن جي آمد جاري رهي. ان کان وڌيڪ اهو ته فوج مان رٽاير ٿيندڙ سيني غير سنڌي فوجي آفيسر کي انعام ۾ مليل زمين جو وڏو حصو سنڌ ۾ ڏنو ويو خاص طور تي بئرا جن واري زرخيز زمين جي ڏاري آبادي ۾ ورهاست اشتعال جي ٻين حصن ۾ ڪا خاص صنعتي ترقي نه ٿي، نتيجي طور صوبي سرحد، بلوچستان ۽ سرائيڪي بيلٽ مان ماڻهو روزگار جي تلاش ۾ اچڻ شروع ٿيا. ان عمل ڪراچيءَ ۾ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اردو ڳالهائيندڙ آبادي اڪثريت ۾ اچي وئي جڏهن ته پختونن، بلوچن ۽ سرائيڪي آبادي تي مشتمل وڏن شهرن، پشاور، ڪوئيٽا، ملتان ۽ ڊيره غازي خان بجاءِ ڪراچي هنن جو سڀ کان وڏو شهر ٿي ويو. ان کان سواءِ اوير پاڪستان جو بنگلا ديش ٿيڻ، ايران ۾ جي معيار ۾ بهتري ۽ امن ۽ انصاف فراهم ڪري سگهي ان جي ابتڙ سماجي بدحالي وڌندي وئي ريل، رستا، صحت ۽ ماحول سڀڪجهه تباهه ٿي ويو، بيروزگاري جي شرح ۾ ڪڏهن به لاٿ نه آئي.

اهڙي طرح ملڪ ۾ آبادين جي هجرت ۽ قومن جي تناسب تبديل ٿيڻ سبب سياسي ۽ سماجي غلبي جي تبديلي رونما ٿي چُڪي هئي، تنهن ڪري معاشي بدحالي ۽ ڪسمپرسي جي تناظر ۾ قومي تضاد جو ظاهر ٿيڻ ڪو حادثو نه هيو. هي ان

## 1901ع کان وٺي 1998ع تائين پاڪستان ۽ ان جي صوبن جي آبادي (هزارن ۾)

| علائقو | 1901 | 1911 | 1921 | 1931 | 1941 | 1951 | 1961 | 1972 | 1981 | 1998 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پاڪستان | 16577 | 18805 | 20243 | 22640 | 28244 | 33740 | 42880 | 65309 | 84254 | 130580 |
| سرحد | 2042 | 2197 | 2251 | 2425 | 4418 | 4556 | 5731 | 8388 | 11061 | 17555 |
| پنجاب | 10314 | 10990 | 11760 | 13875 | 17167 | 20637 | 25582 | 37845 | 47322 | 73384 |
| سنڌ | 3410 | 3737 | 3437 | 4114 | 4841 | 6048 | 8367 | 14156 | 19029 | 29991 |
| بلوچستان | 811 | 835 | 800 | 869 | 858 | 1167 | 1353 | 2429 | 4332 | 6511 |
| فاٽا | - | 1046 | 1959 | 1357 | 960 | 1332 | 1847 | 2491 | 2199 | 3138 |

نوٽ: اسلام آباد جي آبادي پنجاب ۾ شامل آهي.

انگيز انداز ۾ سدائين جاري رهي. جيئن ته مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته سرمائيدار معاشي نظام ۾ ترقي ڪڏهن به هموار نٿي ٿئي تنهنڪري پاڪستان ۾ جيڪي به ننڍيون وڏيون صنعتون لڳيون اهي صرف ڪجهه شهرن تائين محدود رهيون. ان ۾ ڪراچي کي جاگرافيائي اهميت جي بنياد تي اوليت حاصل رهي ۽ اتي وڏي پئماني تي ڪارخانا لڳايا ويا. شروعاتي سالن ۾ ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ هجڻ ڪري ڪراچيءَ تي آباديءَ جو دٻاءُ وڌندو رهيو ان دوران ملڪ ملائيت جي يلغار، افغانستان ۽ گهرو ويڙهه ۽ ٻين ملڪن ۾ معاشي، سياسي ۽ سماجي تبديلين جي بنياد تي مهاجرن جي وڏي ڪيمپ ڪراچي، پشاور ۽ ڪوئيٽا کان علاوه سنڌ، سرحد ۽ بلوجستان جي مختلف علائقن ۾ آباد ٿي.

هڪ طرف مٿي ڄاڻايل عمل جاري رهيو ته ٻئي طرف ڄر جي سراسري ۾ طوفاني واڌ جي باوجود ملڪ جي معاشي، صنعتي ۽ اقتصادي ترقي اها رفتار اختيار نه ڪري سگهي جيڪا حالتن موجب ماڻهن کي روزگار، گهر، ٽرانسپورٽ، صحت، زندگيءَ صورتحال جو فقط هڪ پهلو آهي. ان کان علاوه ٻيا به بنيادي عنصر ۽ حقيقتون آهن.

دنيا ۾ جاگيرداري جي خاتمي کان پوءِ سرمائيداري جي "هر اول ملڪن" جو درجو حاصل ڪندڙ ملڪن جي اڪثريت اولهه سان تعلق رکي ٿي، جتي سرمائيداري نظام جي ارتقا جو هڪ ڊگهو دور نظر اچي ٿو، جڏهن ته آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ ڪنهن قسم جو سرمائيدارانه انقلاب پنهنجي ڪلاسيڪي ڪيفيتن سان رونما نه ٿي سگهيو. جنهن وقت يورپ ۽ سرمائيدار ملڪن ۾ صنعتي

# ”ضياءُ الحق آمرانہ اختيارن هوندي بہ ڊئم جي تعمير جو فرمان جاري نہ ڪري سگهيو:“ ڊاڪٽر مبشر حسن

**ڪالا باغ ڊئم** جنهن تي گذريل پنجيتاليهن سالن کان منصوبہ بندي ٿيندي رهي، 23 سالن کان سيڙپ ٿيندي رهي ۽ پندرهن سالن کان سياسي اختلافن ۽ مونجهارن جو شڪار رهندڙ هن ڊئم کي بالاآخر نواز شريف ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي تعمير عنقريب شروع ٿيڻ واري آهي، پر سياسي مبصرن خبردار ڪري ڇڏيو آهي تہ ڊئم جي فني معاملن کي طئي ڪرڻ کان پهرئين ان بابت اٿاريل سياسي اعتراضن کي پهرئين حل ڪرڻو پوندو. ڊئم جي سياست کي واضح نموني حل ڪرڻو پوندو. اهڙين تجزيہ نگارن مان پ پ ( ش پ) پنجاب جو صدر ڊاڪٽر مبشر حسن بہ هڪ آهي. هو جيڪو پاڻي ۽ آبپاشي ۽ ڊئم جي معاملن ۾ وسيع ڄاڻ رکي ٿو ان خيال جو آهي تہ”باوجود ان جي تہ آءٌ ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر ۾ وزير خزانہ هيس پر ان پروجيڪٽ جي باري ۾ مڪمل طور بي خبر رهيس جيڪا ڳالهہ ثابت ٿي ڪري تہ ڊئم جي معاملي کي شروع کان وٺي ڳجهہ ڳوهہ ۾ رکيو ويو آهي.“ هو چوي ٿو تہ کيس ڪالا باغ ڊئم جي باري ۾ خبر پهريون دفعو 1994ع ۾ پشاور مان نڪرندڙ هڪڙي سابق انگري اخبار-Khaibar Mail جي ايڊيٽوريل پڙهڻ کان پوءِ ٿي. ان ايڊيٽوريل ۾ ان ڊئم کي ملڪ لاءِ تباهہ ڪن سمجهيو پيو ويو ڇاڪاڻ تہ ڊئم جي تعمير کان پوءِ ڪابل درياءَ ۾ جيڪا ٻوڏ ايندي تنهن سان نوشهره شهر جو وڏو حصو ٻڏي ويندو. اهو سيلاب ايتروگهرو هوندو جو هڪ ماڙ تائين گهر ٻڏي ويندا اهڙي قسم جا خدشا حقيقت جي ويجهو ان وقت سمجهيا ويا جڏهن واپڊا جي انجنيئرن پاڻ بہ ان ڳالهہ جو اقرار ڪيو تہ سيلاب جو پاڻي واقعي بہ گهرن کي ٻوڙي ڇڏيندو. ڊاڪٽر مبشر حسن وڌيڪ چوي ٿو تہ ڊئم کي ايترو تہ رازداري ۾ رکيو ويو جو جنرل ضياءَ الحق جي دؤر ۾ جڏهن جنرل ضياءَ ڊئم بابت اچي چٽي جو اعلان ڪيو تہ تنهن وقت جي وزير خزانہ محبوب الحق کي بہ ان پروجيڪٽ جي خبر نہ هئي.

ورلڊ بئنڪ جي عملدارن هن پروجيڪٽ جي باري ۾ جيڪا رپورٽ ٺاهي تنهن ۾ ان پروجيڪٽ جي ملڪي (ڊر) نہ واپڊا کي ڄاڻايو ويو نہ ئي پاڪستان جو نالو ڄاڻايو ويو جيڪا حڪومت جي نمائندگي ڪندي، بلڪ ان جي بجاءِ پاڪستان کي هڪ سهڪاري حڪومت ۽ واپڊا کي هڪ رابطي جي ايجنسي طور ڄاڻايو ويو. ڊئم جي پروجيڪٽ ۾ هڪ اضافي ڳالهہ اها بہ هئي تہ ڊئم جي پير ۾ وڏي پئماني تي تعميراتي ڪم ڪرڻو هو. مثلاً اٽڪ کان نوشهره ڏانهن سيلاب جي بچاءَ خاطر نوشهره، جو هانگيره، اوڪاڙه خٽڪ ۽ ٻين شهرن جي تحفظ لاءِ بند ٻڌڻا هئا ۽ انهن سان گڏ اٽڪ ۽ نوشهري کي ملائڻ لاءِ نئون جي ٽي روڊ ٺاهڻو هو ان سان گڏ پنجن فوٽن جي ويڪري ريلوي لائين پڻ ٺاهڻي هئي.

1984ع ۾ ڊاڪٽر مبشر ان ڊئم کي تباهيءَ جو ڳهنڊ قرار ڏنو ڇاڪاڻ تہ سندس نظر ۾ صوبن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورهاست جو معاملو طئي ٿيڻو هو، جيڪو بعد ۾ 1991ع ۾ نواز شريف جي دؤر حڪومت صوبن درميان پاڻيءَ جي ٺاهہ جي صورت ۾ حل ڪيو ويو. هاڻي جيڪڏهن ڪالا باغ ڊئم تعمير ٿئي ٿو تہ تنهنجي معنيٰ 1991ع وارو پاڻيءَ جو ٺاهہ ناڪاره ثابت ٿيندو ۽ هڪ نئين معاهدي جي ضرورت پوندي پر سوال آهي تہ اها نئين ورهاست ڪيئن هوندي سا ڳالهہ واپڊا راز ۾ رکيو پئي اچي ۽ جيتوڻيڪ ٻوڏ جي بچاءَ کان اڳاءِ جو معاملو آئيني طرح صوبن جو مسئلو آهي پر وفاقي حڪومت ڪالا باغ ڊئم جي ڪري صوبن جي حقن جي لتاڙ ڪندي ان معاملي ۾ ڪاهي پئي آهي. ڊاڪٽر مبشر حسن نومبر 1984ع جي ڪيبينيٽ ميٽنگ جو ذڪر ڪندي چيو تہ ان وقت جي سنڌ ۽ سرحد جي ليفٽيننٽ جنرلن ڊئم جي مخالفت ڪئي هئي جنهن ڪري ضياءُ الحق باوجود پنهنجي آمرانہ اختيارن جي ڊئم جي تعمير جو فرمان جاري نہ ڪري سگهيو. تنهن کان پوءِ ٽن صوبن جي عوام جي چونڊيل اسيمبلين ان ڊئم خلاف مختلف وقتن تي قراردارون پاس ڪيون آهن.

۽ هاڻ جيڪڏهن وزير اعظم انهن صوبن جي مينڊيٽ کي روڪيندي سندن بيعزتي ٿو ڪري تہ پوءِ هي اها دعويٰ ڪيئن ٿو ڪري سگهي تہ هو پاڪستان جي عوام جي نمائندگي ڪري ٿو؟

ننڍن صوبن جون اهي دانهون تہ پنجاب مٿن پنهنجي آمرانہ فيصلا مڙهي رهيو آهي ۽ هر دفعي مٿن هڪ هٿي ٿو هلائي، سچ پچ تہ سندن اهڙي شڪايت وزير اعظم جي هن اعلان کان پوءِ سچ ثابت ٿئي ٿي خاص طور تي هن اهڙي وقت ۾ جڏهن سمورن وفاقي عهدن تي پنجابي ويٺا هجن.

وزير اعظم جا مشير ۽ عملدار بہ پنجابي آهن. وڏا وزير اسيمليبن بجاءِ وزير اعظم طرفان چونڊيا ويا آهن. ساڳي حالت صوبن جي اعليٰ عدالتي ۽ انتظامي عملدارن سان آهي، جوڪين اسلام آباد طرفان مقرر ڪيو ويو آهي. ان پسمنظر ۾ ڪالا باغ ڊيم کي پنجاب جو ڊيم پيش ڪيو ويو آهي ، ڇاڪاڻ تہ اڪثر پنجابي ڊيم جي حمايت ڪن ٿا.

هن جو چوڻ آهي تہ ڪالا باغ ڊيم ٽيڪنيڪل مسئلو ناهي ڇاڪاڻ تہ ٽيڪنيڪل مونجهارا حل ٿي سگهن ٿا. اهو سياسي مسئلو آهي جيڪو صوبن کي وڌيڪ خودمختياري ڏيڻ سان ئي حل ٿيندو ۽ پوءِ هو پاڻ ئي محسوس ڪندا تہ بجلي بابت ڇا ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن صوبن کي اهڙا فيصلا ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي تہ شايد هو ڪيترائي ڊيم تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪن ڊاڪٽر مبشر چئي ٿو،”سڄو سرحد، آزاد ڪشمير گلگت ۽ بلستان جيان سستي بجلي پيدا ڪري سگهي ٿو.“

مبشر جيڪو سول انجنيئر پڻ آهي، چئي ٿو،”سنڌوءَ تي 10 ڊيم ٺاهيا وڃن، ڇاڪاڻ تہ ڊيم ذريعي پيدا ٿيندڙ بجلي تمام سستي آهي مان بينظير طرفان ٿرمل رٿائون جوڙڻ ۽ آءِ پي انڊيپينڊنٽ پاور پروڊيوسرس) سان ايگرمنٽ جي خلاف هيس.“ اهڙن فيصلن بابت سياسي اتفاق راءِ ضروري آهي. اهڙا فيصلا مٿان کان نہ مڙهيا وڃن.

1976ع کان ان پراجيڪٽ جي شروعاتي مطالعي تي 12 ارب روپيا خرچ ٿي چڪا آهن. هن آهي پئسا ضايع ڪري ڇڏيا. پئسا سياسي طور تي منظور ٿيل رٿائن تي خرچ ڪرڻ گهرجن. پر هيل تائين ڪنهن بہ حڪومت مٿي ڄاڻايل پئسن بابت اتفاق راءِ ناهي ورتو. ”اڪثر حڪومتن کي خبر ئي نہ ٿي هجي تہ بجيٽ ۾ ڇا لڪيل آهي. ڊئم تي خرچ ڪيل پئسا بجيٽ ۾ رکيا نہ ويا، پر اضافي بجيٽ ۾ رکيا ويا.

”جيڪڏهن ڪو صوبو ڪالا باغ ڊيم جي رائلٽي وارو معاملو اٿاري ٿو تہ آئين کي تبديل ڪيو وڃي ۽ ائين رائلٽي نالي ڪابہ شيءِ نہ ٿي هجي مبشر ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿو تہ”سرحد تي تربيلا ڊيم جي رائلٽي ماوراءِ آئين واري فارمولي تحت ملي ٿي ۽ اهو سياسي ضرورتن کي نظر ۾ رکي ايجاد ڪيو ويو آهي.

# زيل پاڪ: سنڌ جي صنعت تباهي طرف ڇو پئي وڃي؟

علي رضا

"سنڌ جي صنعت اڄڪلهه بحران جو شڪار آهي. دهشتگردي سبب ڪيترائي صنعتي يونٽ پنجاب منتقل ٿي چڪا آهن ۽ ٽيڪسٽائيل يونٽس سميت ٻيا صنعتي ادارا پڻ بند آهن- مجموعي طور تي گذريل 50 سالن جو جائزو وٺنداسين ته سنڌ جي زراعت سان گڏ صنعت به پوئتي رهجي وئي آهي. ان جا ڪهڙا سبب آهن؟ ان سوال جي روشني ۾ زيل پاڪ سيمينٽ فيڪٽري کي "Symbol" طور کڻي، ان جو جائزو "سالار" جي پڙهندڙن سامهون پيش ڪجي ٿو."

سنڌ جي صنعت

اڳ



هاڻ



## معاشي بحران:

# پاڪستان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟

قاضي نعيم

**جي 8- ملڪ خاص طور تي آمريڪا ۽ جپان پاڪستان کي سي ٽي بي ٽي تي صحيح ڪرائڻ چاهين ٿا، ان سان گڏوگڏ پاڪستان کي بيو انڊونيشيا ٺاهڻ چاهين ٿا. تنهنڪري ممڪن آهي ته بگڙيل حالتن ۾ امداد ڏيئي پاڪستان جي حيثيت کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن. پر اهڙي صورتحال ۾ ٽوڙ ڦوڙ کي روڪڻ ناممڪن هوندو، ڇاڪاڻ ته سرمائيدارن ۽ عوام جو هن رياست تان اعتماد کڄي ويو آهي.**

پيٽرول جي قيمتن ۾ 25 سيڪڙو اضافو ڪرڻ کان پوءِ سرتاج عزيز باقي اقتصادي پيڪيج جو اعلان ڪيو- منصوبا بندي ڪميشن جي ڊپٽي چيئرمين ۽ اقتصادي استحڪام لاءِ جوڙيل ٽاسڪ فورس جي سربراهه حفيظ پاشا چيو ته" هي مني بجيٽ نه آهي. ائٽمي ڌماڪن کان پوءِ اقتصادي پابندين جي نتيجي ۾ حڪومت جي آمدني ۾ 20 ارب روپين جي لاٽ ٿي آهي پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌاري سان 10 ارب روپيه ملندا. وڌيڪ 10 ارب روپيا خرچن ۾ ڪٽوتي ۽ سادگي اختيار ڪرڻ سان بچائبا"

هر حڪومت جا معاشي عملدار مني بجيٽ پيش ڪرڻ وقت اهو چوندا آهن ته " هي مني بجيٽ نه آهي"مني بجيٽ ، جيڪا هن ملڪ جي معيشيت جو ڪلچر بنجي وئي آهي ، دراصل گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ملڪ ۾ جاري معاشي بحران جو انڊيڪيٽر آهي. هي ملڪ، جنهن جي معاشي مونجهارن جي هڪ ڳنڍ کولڻ لاءِ وڌيڪ چئن مونجهارن جو ڳنڍيون ڏيئيون پون ٿيون، جنهن مرض جو حل فيصلا ڪن سياسي ، معاشي ۽ سماجي آپريشن آهي. منافعي جي بالادستي هيٺ بدعنوان حڪمران قرض جي وياج ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ قرض ڪڻن ٿا ۽ سراسري طور في ڊالر قرض تي ٽي ڊالر وياج سميت واپس ڪندا رهيا آهن -

رياستي ادارن جي پاڻ ۾ لڙائي ۽ سفيد ۽ ڪاري ناڻي جي ويڙهاند سبب سوين شهرين جو خون وهايو ويو- ان وقت تائين ڪو به معاشي بحران کي تسليم ڪرڻ لاءِ راضي نه هيو - باقي ڪسر ائٽمي ڌماڪن پوري ڪئي. ملڪي دفاع جي نالي تي عوام کان قرباني گهري وئي - اهڙي ڏکي دور ۾ "ڪالاباغ ڊيم ناٽڪ" شروع ڪيو ويو، جيڪو ائٽمي ڌماڪن کان گهٽ نه هيو - بحران شديد ٿيندو ويو- اسٽاڪ ايڪسچينج تباهه ٿيندي وئي- رپئي جي قيمت گهٽجي وئي. پرڏيهي ناڻو ختم ٿيندو ويو ۽ ڌماڪن جو اهو سلسلو جيڪو ائٽمي ڌماڪن کان شروع ٿيو،معاشي بحران جي ڌماڪن تائين جاري آهي.

هن وقت تازي صورتحال موجب هر ايندڙ ڏينهن معيشيت کي تباهه ڪندو ٿو وڃي- بئنڪن جا لاڪرز 99 سيڪڙو خالي ٿي چڪا آهن - رپئي جي ڪابه حيثيت ناهي رهي ۽ اهڙا اطلاع گردش ۾ آهن ته ملڪي ڪرنسي جا 100 ، 500 ، ۽ 1000 وارا نوٽ منسوخ ڪيا ويندا ، جن جو تباهه ڪندڙ اثر عوام تي پوندو - مٿيان طبقا پهريائين پنهنجا گدام ڊالرن سان ڀري چڪا آهن- اهڙو قدم پيٽرول کي تيلي ڏيکارڻ برابر هوندو. ان کان علاوه بانڊ منسوخ ڪرڻ ۽ مني ايڪسچينج جي ڪاروبار تي پابنديون لڳائڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن، جنهن سان ڊالر وڌيڪ بليڪ تي






*ڪشڪول ٽوڙڻ ۽ خود انحصاري جا علمبردار قرضن ۽ امداد جي لاءِ واويلا ڪري رهيا آهن. اها ڳالهه به عام آهي ته فوج کي ڏيڻ لاءِ ايندڙ مهيني جي پگهارن جيترا به پئسا موجود نه آهن. 6 هزار ڪان وڌيڪ صنعتون بند آهن ۽ وڌيڪ سوين صنعتون بند ٿيڻ جا امڪان آهن. اٽي، ڪنڊ ۽ گيهه سميت سمورين ضروري شين جي راشن بندي جي تجويز اچي پئي وڃي. گئس جي قيمت ۾ 15 سيڪڙو واڌاري جا امڪان آهن. هر روز لڳ ڀڳ 50 ڪروڙ ڊالر ٻاهر موڪليا وڃن ٿا. اسٽيٽ بئنڪ جا ذخيرا ختم ٿيڻ تي آهن. ان بد ترين معاشي صورتحال ۾ غير ملڪي قرض 32 ارب ڊالر جي ۽ سيپٽمبر تائين اٺ سؤ ملين ڊالرن جي قسط ادا ڪرڻ ممڪن ناهي ۽ عدم ادائگي جي صورت ۾ پاڪستان ڊفالٽر ٿي ويندو*

وڪامجندو ۽ ڊالر، پائونڊ ۽ سون ۾ سرمائيڪاري قطعي طور تي غير پيداواري مد ۾ سرمائيڪاري آهي. پاڪستاني ڪرنسي رکڻ رسڪ سمجهيو وڃي ٿو. پر ڏيهي بئنڪن، پاڪستاني بئنڪن جا "ليٽرز آف ڪريڊٽ" کولڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ درآمدي شين ۾ لاٿ اچي سگهي ٿي. غير ملڪي سرمائيڪاري بلڪل ختم آهي. ڪشڪول نوڙڻ ۽ خود انصاري جا علمبردار قرضن ۽ امداد جي لاءِ واويلا ڪري رهيا آهن. اها ڳالهه به عام آهي ته فوج کي ڏيڻ لاءِ ايندڙ مهيني جي پگهارن جيترا به پئسا موجود نه آهن. 6 هزار ڪان وڌيڪ صنعتون بند آهن ۽ وڌيڪ سوين صنعتون بند ٿيڻ جا امڪان آهن. اٽي، ڪنڊ ۽ گيهه سميت سمورين ضروري شين جي راشن بندي جي تجويز ڏني پئي وڃي. گئس جي قيمت ۾ 15 سيڪڙو واڌاري جا امڪان آهن. هر روز لڳ ڀڳ 50 ڪروڙ ڊالر ٻاهر موڪليا وڃن ٿا. اسٽيٽ بئنڪ جا ذخيرا ختم ٿيڻ تي آهن. ان بدترين معاشي صورتحال ۾ غير ملڪي قرض 32 ارب ڊالر جي سيپٽمبر تائين اٺ سؤ ملين ڊالرن جي قسط ادا ڪرڻ ممڪن ناهي ۽ عدم ادائگي جي صورت ۾ پاڪستان ڊفالٽر ٿي ويندو. حڪومت وٽ پر ڏيهي متا ستا وارو ناٽو نه هئڻ برابر آهي ۽ نه ئي حڪومت وٽ ايترا وسيلا ۽ طاقت آهي جو باقيدارن کان قرض وصول ڪري سگهي. ان ڪري قانون جي عدم موجودگي جو بهانو ڪري قرض جي وصولي روڪي وئي آهي. وڏا باقيدار حڪومت ۽ رياستي ادارن جو حصو آهن. عرب ملڪن مان 200 ارب ڊالر ملڻ جي جي ڪا اميد ناهي. جڏهن ته ملائيشيا طرفان 8 سؤ ملين ڊالرن جي پام آئل جي فراهمي جي سلسلي ۾ خاموشي آهي. هاڻ صرف IMF ڏانهن 226 ملين ڊالرن جي امدادي قسط رهي ٿي جيڪا G-8 ملڪن جي دٻاءَ سبب رُڪيل آهي ۽ ملڻ جي ڪابه اميد ناهي. جيڪڏهن ملي به وئي ته سيپٽمبر جي آخر تائين 8 سؤ ملين ڊالر قسط ادا ڪرڻ لاءِ بقايا 574 ملين ڊالر جي رقم ڪٿان ايندي؟ ان ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته ڊسمبر 98ع جي آخر تائين پاڪسان 1.5 ارب ڊالر جو قرض واپس ڪرڻ لاءِ پابند آهي. جي 8- ملڪ خاص طور تي آمريڪا ۽ جپان پاڪستان کي سي ٽي بي ٽي تي صحيح ڪرائڻ چاهين ٿا، ان سان گڏوگڏ پاڪستان کي ٻيو انڊونيشيا ٿيڻ نٿا ڏسڻ چاهين. تنهنڪري ممڪن آهي ته بگڙيل حالتن ۾ امداد ڏين ۽ پاڪستان جي حيثيت کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن. پر اهڙي صورتحال ۾ ٽوڙ ڦوڙ کي روڪڻ ناممڪن هوندو، ڇاڪاڻ ته سرمائيدارن ۽ عوام جو هن رياست تان اعتماد کڄي ويو آهي.





لاءِ اهي شيون هٿ ڪرڻ مشڪل آهن. جنهن ڪري هو ان لاءِ عامل کي پئسا ڏئي ٿو پر جيڪڏهن ڪو شخص پاڻ آڻڻ لاءِ راضي ٿئي ٿو ته ان کي چيو وڃي ٿو ته صبح جو 4 بجي قبرستان وڃي



پراڻي قبر کوٽي مردي جي هڏن سان ڇيري جو رت ملائي فلاڻو وظيفو پڙهه. خوف وچان گراهڪ اهو سڀ ڪجهه عامل کي ڪرڻ لاءِ چون ٿا ۽ عامل ڪانئن گهٽ ۾ گهٽ 10 هزار روپيا وٺي ٿو. ان کي چيو وڃي ته ان گراهڪ منٿون ڪري ڪيس راضي ڪري ٿو. عمل ڪرڻ کانپوءِ گراهڪ کي گل آڻڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. عامل پنهنجي نهن ۾ لڪل ڪيميڪل گل کي هڻي ٿو. بعد ۾ هو پاڻي جو گلاس گراهڪ کي پيئڻ لاءِ ڏئي ٿو. جنهن بعد گراهڪ کي ساڳي پاڻي جا ڇنڊا گل کي هڻڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. جڏهن پاڻي گل کي لڳي ٿو ته ڪيميڪل سبب ان مان دونها نڪرن ٿا ۽ گراهڪ مطمئن ٿيو وڃي ته مٿس عمل سخت ٿيو آهي. گراهڪ کي سون ۽ چاندي جو نانگ لهرائي رات جو پوئين پهر سمنڊ ۾ اڇلائڻو يا

> ڪجهه نجومي يا عامل آئيني ذريعي گراهڪ کي حال ٻڌائڻ جي دعوا ڪندا آهن. ۽ ان لاءِ ڪنهن 20 سالن کان گهٽ ۽ باڪردار ڇوڪري کي آڻڻ لاءِ چوندا آهن. اڪثر نوجوان ۽ ڇوڪريون محبت ۾ ڪاميابي لاءِ اچن ٿيون ۽ هنن جي بليڪ ميلنگ جو شڪار ٿيو وڃن. ڇوڪريون ”بدڪردار“ لفظ کان بچڻ لاءِ ڪجهه نه نظر اچڻ جي باوجود ڪوڙ هڻي ڏائڻ، جادوگر يا ڪنهن شخص بابت ٻڌائيندڙيون آهن، جيڪو تعويذ پوري رهيو هوندو آهي.

قبرستان ۾ دفن ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. ڪي نجومي مريض کي ٻه انڊا آڻڻ لاءِ چون ٿا. گراهڪ جي اچڻ کان پهرين ٻن انڊن ۾ سوراخ ڪري ان ۾ سُيون وار ۽ تعويذ وجهي ايلفي جي مدد سان گندگي مٿان چوئنو هنيون وڃي ٿو. گراهڪ جي اچڻ وقت ڪيس انڊا رکي ٻئي ڪمري ۾ رکيل پاڻي سان گرڙي ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. ان وچ ۾ انڊا تبديل ڪيا وڃن ٿا. گراهڪ جي اچڻ سان ڪيس انڊن تي هٿ رکرائي اکيون پورائي ورد ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. بعد ۾ مريض کان انڊا ڀڃرائي انهن مان تعويذ، وار ۽ شيون ڪڍرايون وڃن ٿيون جنهن تي گراهڪ دنگ رهجيو وڃي. ڪجهه گراهڪ ته جذباتي ٿي پروفيسر جا هٿ چمن ٿا. ان عيوض مريض کان 15 کان 20 هزار روپيا وصول ڪيا وڃن ٿا. ڪجهه گراهڪ عملن جي ان سلسلي ۾ پئسن جو ٻڏي مات ڪري ويهي رهن ٿا ۽ کي پاڻ قرائين ٿا.

ڪجهه نجومي يا عامل آئيني ذريعي گراهڪ کي حال ٻڌائڻ جي دعوي ڪندا آهن ۽ ان لاءِ ڪنهن 20 سالن کان گهٽ ۽ با

## بنگال ۽ هندن جو جادو مشهور آهي تنهنڪري اڪثر عامل پنهنجا نالا مٽائي هندن وارا نانءِ رکندا آهن. حسن اسڪوائر جو عامل گومل داس ۽ گاربن مارڪيٽ جو عامل شنڪر لعل مسلمان آهن پر هنن نالن سان ڪم ڪن ٿا.

ڪردار ڇوڪري لاءِ چوندا آهن. اڪثر نوجوان ۽ ڇوڪريون محبت ۾ ڪاميابي لاءِ اچن ٿيون ۽ هنن جي بليڪ ميلنگ جو شڪار ٿين ٿيون. ڇوڪريون ”بدڪردار“ لفظ کان بچڻ لاءِ ڪجهه نه نظر اچڻ جي باوجود ڪوڙ هڻي ڏائڻ، جادوگر يا ڪنهن شخص بابت ٻڌائيندڙيون آهن. جيڪو تعويذ پوري رهيو هوندو آهي.

اڪثر بيمار عورتن جو حال معلوم ڪري ڪين ٻڌايو ويندو آهي ته سندن ستارا ناپاڪ ٿي پيا آهن. تنهنڪري ڪين هيترا پيرا ڪنهن غير مرد سان هم بستري ڪرڻي پوندي. ائين مجبور عورتن جي عزت پامال ڪئي ويندي آهي ۽ اڪثر ڪين بليڪ ميل ڪري پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. ان سموري عمل مان فائدو حاصل نه ٿيڻ جي شڪايت ڪندڙن کي چيو ويندو آهي ته توهان تي ڏکيو عمل ٿيو آهي. جنهن لاءِ جيل ۾ وڃي 40 راتيون

# سنڌ يونيورسٽي: جتي تعليم تي بين آهي

صبح جا ساڍا نوَ ٿيا هئا- يونيورسٽي بسن جو قافلو ڪوٽڙيءَ وٽان گذري رهيو هيو- اچانڪ ٻهري لاءِ هلندڙ "اهلڪارن" جون موبائلون قافلي کان پوئتي رهجي ويون ٿيون ۽ نيڪ ان وقت دهشتگرد اسٽاف بس تي ڪريڪر اڇلائين ٿا- "ڪريڪر دريءَ ۾ لڳڻ سبب دري جو شيشو ڪرچيون ڪرچيون ٿي ويو" هڪ شاگرديائي ٻڌائي ٿي"منهنجي مٿي مان رت ڳڙي رهيو هئو." ڪريڪر ۾ استادن سميت 13 ڄڻا زخمي ٿيا- "حملي سبب بس بيهي رهي سڀئي هيٺ لٿا، پر ڪوبہ استاد يا شاگرد نہ هيو، جيڪو زخمين کي فرسٽ ايڊ لاءِ اسپتال پهچائي" راحيل ٻڌايو"اسان جا حواس خطا ٿي چڪا هئا، اسان کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو" هڪ استاد چئي ٿو- بس بيهڻ سان ئي نا"اهلڪار" جاءِ واردات تي پهچي وڃن ٿا ۽"دهشتگردن کي پڪڙڻ بجاءِ زخمين کي اسپتال پهچائڻ ۾ لڳي وڃن ٿا"- دهشتگرد سوڙهين گهٽين ۾ فرار ٿي ويا" پوليس پنهنجو موقف بيان ڪري ٿي "پر جاءِ واردات جي آس پاس ڪابہ سوڙهي گهٽي ناهي" يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ڪوٽڙي جو شاگرد ٻڌائي ٿو.

ساڳئي ڏينهن ٽي وڌيڪ ڪريڪر بہ ڦاڙيا ويا- اسٽاف بس تي حملي سبب استادن جنرل باڊي جو اجلاس گهرايو"اجلاس دوران هڪ استاد ڏانهن فون آيو- فون تي ايڪشن ڪميٽي وارن جنرل باڊيءَ کان پوءِ استادن کي ڪريڪر هڻڻ جي ڌمڪي ڏني." هڪ پروفيسر ٻڌائي ٿو. استادن بہ امتحانن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ امتحان ٻيهر ملتوي ٿي ويا-

"حملي وقت "اهلڪارن" جو پوئتي رهجي وڃڻ ۽ انهن کي گرفتار نہ ڪرڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ايجنسيون ۽ انتظاميا حملي ۾ ملوث آهن" هڪ استاد تبصرو ڪري ٿو، شاگرد ۽ انتظاميہ وچ ۾ جهيڙي جو اصل سبب ڇا آهي؟"جهيڙو ٻتاگير شاگرد تنظيمن ۽ ڪرپٽ انتظاميا وچ ۾ آهي" جنهن ۾ استادن جي هڪ ڌر پڻ ملوث آهي، جيڪا هڪ "استاد" کي وي سي ڪرائڻ چاهي ٿي." سوٽا جو هڪ سرگرم استاد ٻڌائي ٿو.

"يونيورسٽي ۾ وي سي ، انتظاميا ۽" ڪامريڊن" کي مراعتون ملن ٿيون- پر عام شاگرد کي صحيح معنيٰ ۾ تعليم نٿي ملي" هڪ شاگرد امتحاني سينٽر ۾ جذباتي ٿي چئي ٿو- "دهشتگرد شاگرد اڳواڻ ۽ ڪرپٽ انتظاميا هڪٻئي جي ضرورت آهن، ڇاڪاڻ تہ ٻئي عام شاگرد سان سچا ناهن" هڪ شاگرد ان معاملي جي حل تي زور ڏئي ٿو."شاگردن کي هاڻ "عام" شاگرد هجڻ بجاءِ "خاص" شاگرد ٿيڻو پوندو." فائن آرٽس جو اڳوڻو شاگرد چئي ٿو.

آفتاب ڪلوئي

# ڇا رنگ بہ ڪافر هجن ٿا؟

"هن جي اها عمر تہ ڪونہ هئي.... اڙي يار ابو ايڏي بي واجبي... شايد سڻن ماڻهن جي الله کي اسان کان وڌيڪ ضرورت آهي... ڪيڏو نہ پيارو ساٿي هو ڪيڏو نہ هونهار شاگرد هو.... ڪيڏو نہ مددگار ڪلاسي هو ۽........!

7 جولائي 1997ع جي شام جو ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن جو اسپتال اڳيان جمع ٿيل انبوهہ انهيءَ قسم جي سڙٻاٽن ۾ گفتگو ڪري رهيو هو . رڪي رڪي ڪنهن هم ڪلاسي سنڌي شاگرد يا شاگرديائيءَ جو پار ڪراچي ۾ انهيءَ ڏينهن موڪلائيندڙ سج جي رت هاڻي آڪاس جي پولارن ۾ پڙاڏو ڏئي رهيو هو.

هر مک تي ايندڙ ويندڙ انيڪ پريشاني. غم ۽ ڪاوڙ جون ريکائون ڪيئي سواليا نشان ٺاهي رهيون هيون. آهي سوال اڄ بہ سول اسپتال کان جناح اسپتال جي وچ واري مفاصلي تي بغير ڪنهن روڪ رڪاوٽ جي پنهنجي جوابن جي ڳولها ۾ انتظار جا پنڌ ڪندا رهيا آهن. ڇا رنگ جون ڦهنگون ڪنهن پاڪ پوتر مُلي جي مقدس پوشاڪ کي ناپاڪ ڪري ڇڏن ٿيون؟ ڇا رنگ بہ ڪافر ٿيندا آهن؟ جو رنگن جي ڦهنگن کي بنياد بڻائي ڪنهن نوجوان ٽيئن سال ڊاڪٽري (MBBS)جي شاگرد ڊاڪٽر ابو زاهد ناريجو جي مٿي کي ڇيهون ڇيهون ڪندي سندس رت سان رنگن جي ڦهنگن جا داغ ڌوپجي سگهن ٿا؟ ڪٿي ايئن تہ نہ آهي جو سنڌي شاگردن کي راجہ ڏاهر جو ڪافر اولاد سمجهندڙ، ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ ڪين هانءَ تي بار سمجهندڙ، P.S.A,A.P.M.S.O ۽ اسلامي جمعيت طلباءِ جا دهشتگرد ڀهروپيا سنڌين جي تعليم حاصل ڪرڻ جي حق کي قتل ڪرڻ جو سوچي ابو زاهد کي ڏنڊن سان شهيد ڪري ڇڏين ٿا؟ انهن سوالن تي غور ڪندي اوچتو هڪ اجتماعي لڇ سٽ ڏئي جاڳي پئي ٿي.

"افسوس ابو اسين توکي انصاف هينئر تائين نہ ڏياري سگهيا آهيون."

25 جولائي 1998ع جي ڏينهن اهي سمورا سوال پنهنجي خالي جهول ۾ ڪنيون انصاف جي در ڏانهن واجهائيندڙ ڪراچي سميت سموري سنڌ جا سنڌي شاگرد اهو سوچڻ تي مجبور آهن تہ ڇا سنڌي شاگردن جي نروار ٿيل قاتلن کي انتظاميائون اڄان تائين "بيل بغور اريسٽ" جي قانوني ڍونگ ۾ پناهہ ڏينديون رهنديون؟.

ڇا ڪراچي (سنڌ) جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ اصلوڪن سنڌين کان سندن تعليم جو حق ڊاڪٽر ابو زاهد ريت قتل ڪري بہ ڪسي سگهڻ لاءِ وحشي دهشتگرد آزاد گهمندا رهندا؟

ڇا اسان جي قتل جي ايف آءِ آر بہ درج نہ ٿي سگهندي؟

اهو آخري سوال ننڍڙي عمر ۾ ٽين سال MBBS ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي شهيد تعليم سنڌ ابو زاهد ناريجو جي پهرين ورسي تي ڇپيل پوسٽر ۾ سندس فوٽو گراف جون اکيون سمورن سنڌي شاگردن کي پاڻ ۾ سانديي، پاڻ سميت سڀني کان پڇي رهيون آهن ●

(علي رضا)

# سنڌ: تبديليءَ جي رخ جو تعين ڪرڻ جي ضرورت

منوج ڪمار

سنڌي انٽيليجنشيا جنهن ۾ سنڌ جو مختصر دانشور لڏو، سياسي ڪارڪن، سڄاڻ ماڻهو ۽ وچولو طبقو شامل آهي، ۾ هڪ سوال ڪَرَ ڪنيو بيٺو آهي "نيٺ ڇا ڪجي؟"

اهو سوال ڪو نئون سوال نہ آهي. دنيا جي مختلف سماجن ۾ تاريخ جي مختلف موڙن تي اهو سوال اٿيو آهي. فرانس ۾ اهو سوال فرينچ انقلاب کان اڳ روسو اٿاريو هو ۽ روسي انقلاب کان اڳ اهو سوال ٽالسٽائي ۽ لينن پڻ پڇيو ۽ انهن سڀني پنهنجن نظرين جي روشنيءَ ۾ انهي سوال جي جواب ڏيڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي. پر هڪ ڳالهہ جيڪا سڀ کان اهم آهي سا اها آهي تہ "نيٺ ڇا ڪجي؟" جو سوال تڏهن ئي ايرندو آهي جڏهن ڪو سماج ڪنهن وڏي تبديلي جو منتظر هوندو آهي. جڏهن ان سماج جا دانشور ۽ عام ماڻهو پنهنجي موجوده نظام کان ناخوش هوندا آهن ۽ انهيءَ نظام کي ڪنهن نئين ۽ بهتر نظام سان تبديل ڪرڻ چاهيندا آهن. روس ۽ فرانس ۾ بہ آهي سوال تڏهن ئي آتيا جڏهن اتي انقلاب لاءِ حالتون تيار هيون.

اڄوڪي سنڌ ۾ بہ ڪجهہ اهڙي قسم جو منظر آهي. هڪ ڳالهہ جنهن تي سڀئي ماڻهو متفق آهن سا آهي تہ موجوده سنڌ ۾ هلندڙ نظام ڪنهن بہ ريت سنڌ لاءِ مستقبل ۾ ڪا بهتر حيثيت ڏيارڻ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. ضرورت انهي ڳالهہ جي آهي تہ موجوده نظام جي جڳهہ تي ڪنهن بهتر سيٽ اپ کي آڻجي جيڪو ايندڙ صدي ۾ دنيا جي گولي تي سنڌ لاءِ عزت جوڳي حيثيت بنائي سگهي ۽ جيڪو سنڌ جي ماڻهن جي مجموعي خواهشن ۽ ضرورتن تي پورو لهي سگهي.

پر سڀ کان افسوس جوڳي صورتحال اها آهي تہ ڪي بہ ٻہ ماڻهو انهي تي متفق نہ آهن اهو نئون سيٽ اپ ڪهڙي قسم جو هوندو ۽ انهي نئين سيٽ - اپ کي ڪيئن آندو ويندو- مختلف ماڻهن وٽ مختلف رايا آهن

دانشورن جو هڪ گروپ جنهن ۾ ڪاوش اخبار جو ايڊيٽر علي قاضي سميت ڪافي ماڻهو شامل آهن انهي راءِ جا آهن تہ نئين سنڌ جي جوڙجڪ جو ڪم ڪجهہ ماڻهن جي حوالي ڪيو وڃي. سڀني سياسي سرگرمين تي خودساختہ پابندي هنئي وڃي ۽ آهي چند ماڻهو ئي انهي نئين نظام جي تشڪيل ڪن. پر سوال آهي تہ ڇا سنڌ جي نئين سيٽ جو ڪم چند هٿن ۾ هجي يا انهي ۾ سموري سنڌ ڀائيوار هجي؟ ۽ ٻيو تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ سياسي سرگرميون معطل ڪري سگهجن.

ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ آهن جن جو خيال آهي تہ تبديلي فقط مٿين طبقي جا ماڻهو جنهن ۾ جاگيردار ۽ سرمائيدار شامل آهن، ئي آڻي سگهن ٿا. پر مصيبت اها آهي تہ سنڌ جو مٿيون طبقو انتهائي عوام دشمن آهي ۽ اهو طبقو ڪڏهن بہ اهو نہ چاهيندو تہ اهڙو ڪو نظام اچي جنهن مان سنڌن حاڪميت کي ڪو خطرو هجي، سنڌ جي مٿين طبقي جي سنڌ دشمن ڪردار سان تاريخ ڀريل آهي.

سنڌ جي سياسي لڏي جو وڏو حصو ۽ پراڻا انقلابي اڃان بہ اها ڳالهہ اڳتي آڻين ٿا تہ سنڌ ۾ هڪ مڪمل سماجوادي انقلاب اچي. سنڌن اکين ۾ اڃان بہ سوشلزم جو خواب زنده آهي. پر بين القوامي صورتحال ۽ خاص طور تي روس جي ٽٽڻ کان پوءِ هاڻ ڪو انقلاب فقط خواب ئي بنجي ويو آهي. ان کان سواءِ سنڌ جون معروضي حالتون بہ انهي لاءِ تيار نہ آهن تہ ڪو سوشلسٽ انقلاب اچي سگهي.

انهي صورتحال ۾ جڏهن سڀ ڄاڻايل حل ناقابل عمل هجن تہ انهي حالتن ۾ هڪ ئي حل وڃي بچي ٿو ۽ سو اهو آهي تہ سنڌ ۾ هڪ اهڙي تبديلي آهستي آهستي آڻجي جنهن ۾ سنڌ جا سڀ ماڻهو ڀاڱي ڀائيوار هجن.

پر ڇا اها تبديلي فقط چهرن جي تبديلي هوندي يا اها هڪ نظام جي تبديلي هوندي؟ انهي تبديلي جو مقصد اقتدار جي تبديلي هوندو يا سماج جي سڀني رخن ۾ هڪ مڪمل تبديلي هوندو؟ انهي سلسلي ۾ فقط اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ ضرورت انهي ڳالهہ جي آهي تہ تبديلي نہ رڳو سياسي هجي پر زندگي جا سڀئي رخ جنهن ۾ سماجيات، معاشيات، تعليم، ادب، واپار، زراعت، صحافت ۽ سنڌي ماڻهن جي ذهنيت ۾ پڻ تبديلي اچڻ گهرجي، ان کان سواءِ اسان جا رويا، اسان جي ٻولي، اٿڻ ويهڻ جا طور طريقا بہ تبديل ٿيڻ گهرجن. سنڌي ماڻهن جي اندر ۽ ٻاهر هڪ مڪمل تبديلي ئي ڪين مڪمل تباهي کان بچائي سگهي ٿي.

اهو سوال تہ تبديلي جو معيار ڪهڙو هوندو ۽ اها تبديلي ڪهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هوندي؟ تہ منهنجي خيال ۾ اسان کي دنيا جي ٻين ملڪن ۽ خاص طور تي ترقي يافتہ ملڪن جي ترقي جي راز کي سمجهڻو پوندو، نہ فقط ايترو پر ايندڙ 25 سالن ۾ ڪهڙا عالمي ٽريندس سماج جي مختلف شعبن جهڙوڪ: ماحوليات، معاشيات، سماجيات ۽ سياست ۾ هوندا. انهن کي بہ نظر ۾ رکڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ جيڪا بہ قوم عالمي ٽرينڊس سان نہ هلندي آها هڪ ڏينهن فقط تاريخ جي پنن ۾ رهجي ويندي.

هڪ ٻي شئي جنهن جي ضرورت آهي سا آهي سنڌ جي مختلف شعبن ۾ هڪ مڪمل اسٽڊي جي. اڃان تائين اسان سنڌي ڪنهن بہ شعبي ۾ ڪابہ تحقيق ڪري نہ سگهيا آهيون سو انهيءَ ڪري ئي اسان پنهنجي ضرورتن ۽ صلاحيتن جو صحيح تعين نہ ڪري سگهيا آهيون. هاڻ اهو وقت اچي چڪو آهي تہ اسان سنڌ جي هر رخ کان اسٽڊي ڪريون ۽ انهي ڳالهہ جو اندازو لڳايون تہ اڄوڪي سنڌ ڪهڙي جڳهہ تي بيٺي آهي ۽ ان کي ڪهڙي شئي جي ضرورت آهي. انهي کان پوءِ ئي اسان پنهنجي لاءِ ڪنهن رخ جو تعين ڪري سگهون ٿا.

هن وقت سنڌ کي اهڙي تبديلي جي ضرورت هجي ٿي جيڪا تبديلي گهڻ رخي هجي ۽ سماج جي سمورن شعبن ۾ هجي. ٻيو تہ انهي تبديلي کي آڻڻ ۾ فقط چند ماڻهن جو نہ پر سموري سنڌ جو حصو هجي ۽ اها تبديلي سنڌ جي ماڻهن جي ذهني صلاحيتن کي نظر ۾ رکندي عالمي ٽرينڊس سان هم آهنگ هئڻ گهرجي.

# شاعريءَ ۾ عڪس بندي

عبدالوحيد جتوئي

اها ته هڪ مڃيل حقيقت آهي ته انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ اهو به چڱيءَ طرح ڄاتو ويو آهي ته کيس اهو شرف صرف ڳالهائڻ ۽ فهم هئڻ جي ڪري عطا ڪيو ويو ۽ مان سمجهان ٿو ته صرف ان هڪڙي شيءِ (فهم) جي ڪري انسان هن سنسار مان استفادو ڪيو آهي پر منجهس اهو فهم پنجن حواسن جي ذريعي پيدا ٿيو آهي. حالانڪ اهي پنجئي حس دنيا ۾ ٻي به مخلوق ۾ سمايل آهي پر بنيادي فرق زبان ۽ دماغ سان منسلڪ حواس تي مدار رکي ٿو. ڇو جو انسان ڳالهائي ٿو ۽ اهو ڳالهائڻ محسوس ڪري سمجهي ٿو. جڏهن ته دنيا جي ٻي مخلوق اهي ٻئي عضوا (زبان ۽ دماغ) رکي ته ٿي پر انهن ۾ قدرتي ۽ باطني سگهه هئڻ کان محروم آهي ان ڪري هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ۽ حال ونڊڻ کان قاصر آهي ۽ انسان کان گهٽ درجو رکي ٿي. انسان جو جتي هر عضوو ۽ جسم جو هر حصو پنهنجي قيمت پاڻ ٿو رکي اتي سندس سرُ Head وري به سِرُ آهي. ڇو جو اهو سرئي آهي جنهن ۾ هر قوت سان گڏوگڏ، هر حس کي پيدا ڪندڙ ۽ ان سان واسطو رکندڙ عضوو به فٽ ٿيل آهي، جن ۾ اکيون، ڪن، نڪ، زبان ۽ دماغ اچي وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي جو سِرُ پوري جسم جو اڌ ۽ وڏو حصو چوائيندو آهي. حالانڪ وزن ۽ سائيز ۾ ڌڙ جو پنجاهون، سٺاهون حصو به مشڪل سان ٿيندو. انهيءَ ڪري اسان جا مذهبي ماڻهو چوندا آهن ته انسان جو سِرُ خدا پاڻ ٺاهيو آهي. انهيءَ ڪري پوري جسم جي مٿان آهي ۽ مٿو چوائڻ لڳو. هتي مان انسان جي بناوت (Composition) جي ڳالهه نه ٿو بيان ڪرڻ چاهيان پر مقصد ته اسان انهيءَ شيءِ سان نوازيا ويا آهيون جيڪا اسان ۽ دنيا جي ٻين ساهوارن جي وچ ۾ هڪ الڳ ۽ درمياني فرق نمايان ڪيو بيٺي آهي. اسان پکين جون مٺڙيون لاتيون به ٻڌي ٿا سگهون ته درد ڀري انساني/حيواني آواز جون ڪوڪون به. دنيا جي رنگ برنگي سونهن به ڏسي ٿا سگهون ته منجهس مايوس ڪندڙ قبرستان به. ماکيءَ جي مٺي لار به چکي ٿا سگهون ته ٿوهر جي تلخي به. گلاب جي گلابي خوشبو به سنگهي ٿا سگهون ته ڪنهن ڍونڍ ۾ موجود بدبوءِ به ۽ جنوري جي ڏڪائيندڙ لهري کان به متاثر ٿي ٿا سگهون ته آگسٽ جي ٻوساٽيندڙ گرمي کان به انهن مذڪوره حواسن جا اثر اسان کي انتها خوش به رکي ٿا سگهن ته مغموم به.

جهڙي طرح انسان ۽ حيوان ۾ فرق آهي تهڙي طرح وري انسانن ۾ به فرق آهي! هڪڙا اهي جيڪي مٿي ذڪر ٿيل گڻ ته رکن ٿا پر انهن جو استعمال نٿا ڪن. تنهنڪري عام ماڻهو Ordinary Men چوڻ ۾ ايندا آهن ۽ ٻيا اهي جيڪي انهن گڻن کي پرجهن ٿا جن کي دانشور Intellectuals چئبو آهي. پوءِ جڏهن انهن دانشورن جو ذڪر ٿو اچي ته منجهائن شاعر وري عام ماڻهو لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري. هر ان شيءِ کي ظاهر ٿو ڪري جيڪا ان جي (عام ماڻهو جي) پهچ کان پري آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو: ”هڪ عظيم شاعر ۽ فنڪار ڪائنات کي عام ماڻهوءَ کان ٻي طرح ٿو محسوس ڪري. هو ڪائنات جي ڳوڙهي مشاهدي مان پنهنجي تيز حسن سان اهڙا ته تجربا ٿو حاصل ڪري جو انهن کي عام ماڻهو هوندي ته پهچي نه سگهي، پر شاعر جي بيان جي طاقت ۽ انهن تجربن جي ٻيهر تخليق ڪرڻ جي قوت ئي آهي. جيڪا عام پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي شاعر جي اها عام ماڻهوءَ لاءِ اڻ ڏٺل ۽ اڻ ٻڌل، اڻ ڇهيل ۽ اڻ محسوس ڪيل دنيا ٿي ڏيکاري ۽ محسوس ڪرائي، ۽ هو شاعر سان گڏوگڏ ان دنيا کي محسوس ڪندو ۽ ان دنيا جو مزو ماڻيندو ٿو هلي.“

اهڙي نموني سان اسان پنهنجي شاعرجو ذڪر ٿا ڪريون ته هو عام ماڻهوءَ کي ڪهڙي نموني هن دنيا جي اڻ ڏٺل ۽ اڻ ڇهيل شين سان محفوظ ٿو ڪري. شاعر ان قوت جو نالو آهي، جنهن لاءِ حديث ۾ آيو آهي ته: ”خدا کي عرش هيٺ خزانا آهن جن جو ڪنجون شاعرن جون زبانون آهن.“ يعني شاعر وٽ اهي ٻول هوندا آهن جيي پاڻ مرادو، سندس واتان نڪري ويندا آهن ۽ جڏهن

> ***شاعر ۾ اها طاقت هوندي آهي ته هو پنهنجي ذاتي زندگي جي سفر ۾ پيش ايندڙ هر منظر کي پنهنجي ڪلام جي رواني‌ءَ ۾ آڻيندو آهي ۽ حواسن جي مدد سان اهڙي ته منظر ڪشي ڪندو آهي جو اهو منظر پنجن حواسن مان، هڪ يا ٻن سان ضرور واسطو رکندو آهي ۽ قاري ۽ ٻڌندڙ جي حواسن کي به تبديل ڪندو آهي. ايتري قدر جو اهي به ائين سمجهندا آهن ته (ڪائنس بيان ٿيل) اهو سڀ ڪجهه، ڄڻ ته سندن آڏو ان مهل پيو ٿئي جنهن کي عڪس چئبو آهي ۽ ان عمل سان واسطو رکندڙ قابليت جي استعمال کي عڪس بندي چئبو آهي.***

انهن تي غور ڪبو آهي تہ اهي ٻول ڪنهن نہ ڪنهن ڳجهہ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ معنيٰ رکندا آهن. ان ڪان علاوه شاعر ۾ اها طاقت هوندي آهي تہ هو پنهنجي ذاتي زندگي جي سفر ۾ پيش ايندڙ هر منظر کي پنهنجي ڪلام جي رواني ۾ آڻيندو آهي ۽ حواسن جي مدد سان اهڙي تہ منظر ڪشي ڪندو آهي جو اهو منظر پنجن حواسن مان، هڪ يا ٻن سان ضرور واسطو رکندو آهي ۽ قاري ۽ ٻڌندڙ جي حواسن کي بہ اپيل ڪندو آهي. ايتري قدر جو اهي بہ ائين سمجهندا آهن تہ (ڪانٽس بيان ٿيل) اهو سڀ ڪجهہ، ڄڻ تہ سندن آڏو، ان مهل پيو ٿئي. جنهن کي عڪس چئبو آهي ۽ ان عمل سان واسطو رکندڙ قابليت جي استعمال کي عڪس بندي Imagery چئبو آهي. جنهن لاءِ هاس ٻي گوٽ چيو آهي.

"Much of podry is made up of experience we can grasp and understand through our senses.

These appeals to our senses make poetry concrete. They give us things we can see, hear or feel. The concreteness is created by the poet's use of images. We look in the mirror and see an image of ourselves, something we can identify because we see it. The poet uses similar images."

(گهڻي شاعري تجربي جي بنياد تي ڪئي ويندي آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي پنهنجي حواسن ڪان ڪم وٺڻو پوندو آهي. اها تجربن تي مبني شاعري جيڪا اسان جي هواسن سان وابستہ هوندي آهي، تمام پختي شاعري هوندي آهي ۽ منجهس سمايل مقصد اهڙي طرح بيان ٿيل هوندو آهي جو ڄڻ تہ اسان ان کي ڏسي، ٻڌي ۽ محسوس ڪري ٿا سگهون. ان شاعري ۾ عڪس مستعمل هوندا آهن جيڪي ان کي اها پختگي بخشين ٿا. جهڙي طرح اسين آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسي ان کي سڃاڻي سگهندا آهيون يا ڪا ٻي شيءِ سڃاڻيندا آهيون ڇو جو اسان ان شيءِ کي ڏسون ٿا ۽ پوءِ ٿا چئون تہ هي فلاڻي شيءِ آهي يا فلاڻي شيءِ، ساڳي طرح شاعر بہ پنهنجي ڪلام ۾ عڪس استعمال ڪندو آهي ۽ (اهو ڪلام / شاعري، قاري کي سڃاتل شيءِ وانگر منعڪس ڪندو آهي.)

جيئن تہ اسان مٿي ڄاڻائي آيا آهيون تہ عڪس Image جو تعلق حس Sense سان هوندو آهي. جڏهن تہ حواس پنج ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري عڪس بہ پنج ٿيڻ کپن، پر تاج جويي صاحب "نيڻ مهٽي خيال جاڳيا" ۾ عڪس جا ٻارهن قسم ڏنا آهن. مان سمجهان ٿو دنيا جا (خصوصن انگريز / اديب عڪسن جا پنج قسم ئي ڏين ٿا جيڪي پنجن حواسن سان واسطو رکن ٿا. ان سلسلي ۾ ڊياني رابرٽ لکي ٿو:

"Images may be visual. (something seen), aural (somthing heard), tactile (something felt) oldactory (something smelled) or gustatory (somethi ng tasted)"

(عڪس هي ٿيندا آهن. نظري عڪس، ٻڌڻ جو عڪس، ڇهڻ جو عڪس، سنگهڻ جو عڪس ۽ چکڻ جو عڪس. ( ڇو جو اهي عڪس نمبروار ڏٺل نظاري، ٻڌل آواز، ڇهيل ڪاشيءِ، سنگهيل بوءِ ۽ چکيل کاڌي يا مٺاڻ جي عڪاسي ڪندا آهن.)

هاڻي اچون تاج ڪان بيان ٿيل باقي ستن عڪسن تي جيڪي هي آهن. غير متحرڪ عڪس Static Images متحرڪ عڪس Kinetic images حرارتي (تذي گرم جو تاثر ڏيندڙ عڪس) Thermal images ۽ گهڻ پارا عڪس Comolex images ذهن تي ٿورو زور ڏئي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي تہ هي ستئي عڪس اڳ ۾ بيان ٿيل خاص پنجن عڪسن ۾ ئي ضم ٿي سگهن ٿا. حرارتي عڪس، جيڪي گرمي ۽ سردي بابت آهن سي ڇهڻ جي عڪس Tactile image ۾ اچي وڃن ٿا. ڇو جو ڇهڻ جا بہ نمونا ٿيندا آهن. هڪڙو جنهن ۾ اسان پاڻ ڪنهن شيءِ کي هٿ، پير ۽ ڪل ذريعي ڇهي محسوس ڪندا آهيون. ٻيو، ڪاشيءِ (هوا، پاڻي، گرمي ۽ سردي وغيره) اسان سان جڏهن ٽڪرائبي آهي ۽ اسان تي اثر ڪندي آهي تہ اسان ان شيءِ جو اثر محسوس ڪندا آهيون. جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ حرارتي عڪس نٿو ٿي سگهي پر اهو ڇهڻ جو عڪس ئي آهي. جنهن ۾ اهي شيون اچي وڃن ٿيون.

### متحرڪ ۽ غير متحرڪ عڪس

: (Kinetic and Static images)

اسين جڏهن تري آيل عڪس جي تميز ڪندا آهيون تہ اهو اسان جي ڪنهن نہ ڪنهن عڪس سان لاڳاپيل هوندو آهي. جيڪڏهن نظري/ بصري عڪس هوندو آهي تہ اهو ان ئي حالت (متحرڪ يا ساڪت) سان اسان جي آڏو اچي ويندو آهي. مثلن اسان برکا رت جو ذڪر ٿا ڪريون. سڀ ڪان پهريائين ڪڪرن جو ذڪر ڪنداسين. جيڪي آهستي آهستي هلندا اچي جهڙجي صورت ئاهيندا ۽ آخر ۾ ئي برسات جي پوڻ جي منظرڪشي

***اسان پکين جون منڙيون لاتيون بہ ٻڌي ٿا سگهون تہ درد ڀري انساني / حيواني آواز جون ڪوڪون بہ. دنيا جي رنگ برنگي سونهن بہ ڏسي ٿا سگهون تہ منجهس مايوس ڪندڙ قبرستان بہ. ماکيءَ جي مٺي لار بہ چکي ٿا سگهون تہ ٿوهر جي ڪوڙاڻ بہ. گلاب جي گلابي خوشبو بہ سنگهي ٿا سگهون. تہ ڪنهن ٻوٽي ۾ موجود بدبوءَ بہ. ۽ جنوريءَ جي ڏڪائيندڙ لوريءَ ڪان بہ متاثر ٿي ٿا سگهون تہ آگسٽ جي ٻوساٽيندڙ گرمي ڪان بہ. حواسن جا اثر اسان کي انتهائي خوش بہ رکي ٿا سگهن تہ مغموم بہ.***

تعلق ان ملڪ سان هوندو اهي، جتي انسان رهندو آهي. مطلب ته حياتياتي اتحاد به ڪو ڪارنامو سر انجام نه ڏئي سگهيو. (انسان جڏهن پنهنجي فطري حالت جي سڀ کان ويجهي هيو تڏهن هو مڪڙو اهڙو جانور هيو جيڪو پنهنجي هم ذات (پاڻ جهڙي انسان) کي يعني هم نسل کي پنهنجو گروهه ٺاهي وجهندو هو. هي ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن انسان فطرت جي نعمتن کي هترادي نموني / مصنوعي ريت پيدا ڪرڻ سکيو هو. منطقي دليلن جي صلاحيت يا جذبي به اهو اتحاد پيدا نه ڪيو. ڪين اتحاد ساز حقيقت جي حيثيت ۾ تسليم نه ٿو ڪري سگهجي ڇو ته اهو هڪ هٿ ٺوڪيو تصور آهي. هن جي حيثيت ته خيال جهڙي به نه آهي، هي ته خيال به نه آهي. ڇاڪاڻ ته حقيقت ۾ خيال انسانن کي متحد به ڪري ٿو ۽ ڪاٽا (Substract) ڪري ٿو.

سڀ کان اطمينان جوڳو جواب هي آهي ته انساني فطرت انساني رشتن جو پيچيدو سلسلو آهي. ڇاڪاڻ ته هي جواب جڙي وڃڻ، ٻڄي وڃڻ يا ٻڄڻ جي تصور کي پاڻ ۾ شامل ڪري ٿو (انسان ٻڄي وڃي ٿو، پنهنجو پاڻ کي بدلائي ٿو، سماجي رشتن ۾ تبديليءَ سان گڏ پان به تبديل ٿيندو رهي ٿو) ۽ اهڙي ريت هو عام معنائن ۾، انسان جي تصور جو انڪار ڪري ٿو. اصل ۾ سماجي رشتن جو اظهار انسانن جا مختلف گروهه ڪندا آهن، جيڪي هڪ ٻي جي وجود کي تسليم ڪندا آهن ۽ جن جو اتحاد قطعي، جدلياتي (Dialectical) يا "هيئتي" (Super Natural) ڪونه آهي. انسان پنهنجي سرشتي ۾ حاڪماڻو ۽ غلاماڻو ٻئي عنصر رکندو آهي. اهو به چئي سگهجي ٿو ته انسان جي فطرت معنيٰ تاريخ. تاريخ کي نهندڙ نهندي هجڻ جي معنيٰ ڏئي ڇڏجي جيڪا اتحاد کي برباد ڪرڻ بدران پنهنجي اندر آهي بنيادن سنڀالي رکندي آهي جيڪي اتحاد کي ممڪن بڻائن ٿيون. تنهن ڪري ئي انساني فطرت ڪنهن خاص انسان ۾ نه ٿي ڳولهي سگهجي (اها حقيقت آهي ته اسين لفظ" نوع" جو استعمال ان فطري معنيٰ ۾ ڪندا آهيون، جا وڏي اهميت واري هجي ٿي). هر هڪ فرد ۾ اهڙي خاصيت هجي ٿي جنهن کي ٻين فردن جون خاصيتون واضح ڪن ٿيون ۽ اهو فرق ان خاصيت جو آهي جيڪا مختلف انسان ۾ هوندي آهي.

عام روايتي فلسفي ۾ روح جي تصور کي ۽ بائيولاجي ۾ انساني فطرت جي تصور کي سائنسي يوٽوپيا جي حيثيت ملي، جن جي اثر هيٺ رهي انسان، خدا ۾ انساني فطرت ڪار فرما ڏٺي (ويسائيڻ ۾ خدا جي وارو تصور) اهڙا ئي تصور تاريخ جي ڏکهن، اڙانگن، ڪندن ۽ پٿرن جي رستي جي ثابتي پيش ڪن ٿا.

**فرد چاڻ سان ليس هجي ٿو تنهن ڪري ئي اهو چوڻ ۾ اسان حق تي آهيون ته. "انسان(ان وقت تائين) پنهنجو پاڻ کي به بدلائي ٿو. نون سانچن ۾ گهڙي ٿو. جيستائين هو رشتن جي سموري پيچيده سلسلي کي تبديل نٿو ڪري. جنهن جو هو پاڻ به حصو آهي." انهيءَ معنيٰ ۾" سچو فلسفي سياست سان واڳيل هوندو آهي."ڇاڪاڻ ته هو سياسي هجڻ تي مجبور آهي.**

جن ۾ عقل جي روشني به آهي ۽ جذباتي اميدون به.

ظاهر آ ۽ اهو سچ آهي ته آهي مذهب جن خدا جي پٽن جي حيثيت سان انسانن کي هڪجهڙائي جي تبليغ ڪئي ۽ اهي فلسفا جن جي بنياد تي هڪجهڙائي جا تصور منطقي دليلن جي بنياد تي پيش ڪيا ويا در حقيقت منجهيل انقلابي تحريڪن جو اظهار آهن ۽ هيءَ حقيقت آهي ته انهن تحريڪن تاريخي ارتقا جي سموري سلسلي ۾ اهم ترين ۽ مضبوط ترين ڪڙين جو ڪم ڪيو آهي.

اهو خيال ته هيگل جي جدليات انهي تاريخي ارتقا جي آخري شڪل آهي ۽ جدليات سماج جي تضادن جي آئيمداري نه ٿي ڪري پر انهن تضادن جي خاتمي سان گڏوگڏ هو خالص نظريو جدليات ٻڄي ويندي آهي. اهو خيال ڪروچيءَ جي فلسفي جيان يوٽوپيائي فڪر جي نمائندگي ڪري ٿو.

تاريخ ۾ اصاي هڪجهڙائي جيڪا روحانيت جو درجو رکي ٿي، انساني فطرت تي تاريخي ارتقا جي ذريعي حاصل ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ جي سچائپ Public And Private (خانگي ۽ اجتماعي نظام ۾، ظاهر ۽ لڪل اجتماعيت ۾ ٿئي ٿي، جن جون پاڙون رياست ۽ عالمي سياسي نظام ۾ ڪتل هونديون آهن.

هتي هڪجهڙائي مان اسان جي مراد اها هڪجهڙائي آهي، جيڪا هڪڙي تنظيم جماعت يا مجلس جا رڪن پاڻ ۾ محسوس ڪندا آهن ۽ اڻ برابري اها آهي جيڪا مختلف تنظيمن جماعتن جي وچ ۾ محسوس ڪئي وڃي. برابري ۽ اڻ برابري جي قدر ۽ قيمت آهي، پر شرط اهو آهي ته انفرادي ۽ اجتماعي بنياد تي ان جو ادراڪ موجود هجي.

اهڙي ريت اسين فلسفي ۽ سياست جي برابريءَ جيڪا هڪجهڙائي جي بنياد تي قائم ٿيندڙ رشتي جي نقطي تي پهتاسين سولي ليکي ائين چئون ته اسين خيال ۽ عمل جي باهمي تعلق جي سوال تي يعني مارڪسزم تائين پهتا آهيون.

فلسفو هجي يا فلسفا، سڀ سياست آهن. تاريخ پنهنجي عمل جي سلسلي ۾ واحد فلسفو آهي. ان جي معنيٰ اها ٿي ته جرمن پرولتاريه پورهيت جي نظريي جي پنيرائي ڪري سگهجي ٿي، جيڪي جرمن ڪلاسڪي فلسفي جا وارث آهن.

انهن معنائن ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته لينن جو نظريو، عمل ۽ ان جي تشريح به هڪ تمام وڏو مابعد الطبيعاتي واقعو هئي......!







ٻڌي رهيا آهن، انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڊرامن جي خوب سيل هلي رهي آهي ، پروڊڪشن ۾ جيڪي سنڌي فنڪار داخل ٿيا آهن. تنهن ۾ يار محمد شاهہ ، محمود صديقي (دنهلي پي دهالا، سيريل ڪري پيو، جنهن ۾ بهروز سبزواري آهي، اها مزاحيہ سيريل آهي،) پير معظم، قيصر نقوي ، صلاح الدين تنيو، منظور مراد، اسماعيل چانڊيو، سڀ پنهنجون اردو سيريلز ڪري رهيا آهن. منظور مگسي، عبدالقادر جوڻيجو جو لکيل سيريل" درازين "۽ رشيد سومرو جي سيريل ڪري رهيو آهي، جڏهن تہ محمد بخش سميجو، ڊاڪٽر محمود مغل جو لکيل ڊرامو " ڄاتل اڻ ڄاتل" ناٽڪ رنگ لاءِ پروڊيوس ڪري پيو، انهيءَ رومانٽڪ ٽرينگل ڊرامي ۾ امداد حسيني ۽ شمشيرالحيدري جا گيت بہ هوندا ۽ يار محمد شاهہ، ممتاز ڪنول ۽ پير مئظم جي من ٻپائيندڙ پرفارمنس بہ هوندي، سو سنڌيو يومسٽ واچ اٿ صلاح الدين تنيو جو پٽ بہ پروڊڪشن ۾ اچي رهيو آهي. حيدرآباد ۾ حسن سومرو پرائيويٽ پروڊڪشن ۾ گهڻو مشهور ٿي رهيو آهي، جڏهن تہ حيدرآباد جو رياض الماس پڻ عبدالحميد هاليپوٽو سان اردو سيريل ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ خود رياض ڊاڪٽر جو رول ڪري رهيو آهي. آئي جسٽ لَو بيدل مسرور ، هي از اي ڊارلنگ بيدل سان تازي ملاقات پياري احمد سولنگي جي ڊنرتي ٿي هئي ، ۽ جنهن مهل بيدل پنهنجي ڪمپوزيشن ۾ مظهر لغاري جو"هوائون نہ روڪيو" ڳايو هو تہ نثار کهڙو، قاضي اسد عابد ، نواب يوسف ٽالپر ڪان وٺي سڀ جهومڻ لڳا هئا، ۽ مون وڏي فخر سان سوچيو تہ بيدل سنڌ وٽ واحد سريلو ڪمپوزر آهي، هاڻ آئون سنڌين کي ڪيئن سمجهايان تہ ننڍي ۽ وڏي جلال ڪان هٽي ڪري سوچيو تہ جيڪڏهن فوزيا سومرو بخاري ، آڪاش انصاري امداد، شمشير کي ڳائي تہ هوند وڏيڪ سٺو ٿئي- جيڪڏهن سنڌ الاجي شاهہ جي سُرن کي ڊراما ٽائيز ڪري انگلش سب ٽائيٽلنگ سان ريليز ڪري تہ هن تان محدود هئڻ جو ٺپو لهي وڃي، جيڪڏهن سنڌي ڊرامن ۾ اياز ، امداد، احمد سولنگي ، اياز گل، ادل سومرو ، حسن درس جي گيتن ۽ شعرن کي پرو موٽ ڪيو وڃي تہ ڪيترو تہ سٺو ٿئي ، چَمين جهڙي منڙي شاعر اياز گل جي ميزبانيءَ ۾ سنڌي شاعري جو هڪ پروگرام پي ٽي وي پيش ڪري تہ هوند چڱو ٿئي. تازو مشاهد حسين ڪراچي ٽي وي جي سنڌي پروڊيوسرن کي پرائمري اسڪول جي استاد وانگر ڊاپو ڏنو تہ ٽي وي کي ڪمائي وارا پروگرام ناهي ڏيو. سنڌي ماڻهو سڪيا ستايا بہ آهن پر اڃا ٽائين ايم ٽي وي يا وي ٽي وي تي نہ ڪير هو جمالو ٿو ڳائي ۽ نہ ئي ڪير ڇلڙوءِ سنڌي لوڪ گيت ڳائي ٿو، ذريعا گهٽ آهن. نواب ڪيفي ڪراچي ۾ ڪلفٽن جي عظمي آرڪيڊ ۾ ويٺي زي ٽي وي ۽ اسٽار پلس کي سنيالي سگهي ٿو ، تہ اهو ڪم سنڌي بہ ڪري سگهن ٿا. آئون ايل ٽي وي تي تمام گهڻو خوش ٿيس اهو ڏسي تہ خبرن ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي ، يوسف لغاري ۽ قاضي اسد عابد جا ڪالاباغ ڊيم خلاف انٽرويو نشر ٿيا. سنڌ ۾ ثقافتي لحاظ کان دستاويزي فلمن لاءَ ڪوڙ مواد آهي، ٻنين ۾ ڦٽيون چونڊيندڙ باگڙياڻيون ، انهن جا مسئلا ۽ رهڻ سهڻ جو نمونو، سنڌ جا هنر ، پرت، چٽسالي ، پروڊڪشن ۾ انهن موضوعن کي بہ دنيا آڏو پيش ڪري سگهجي ٿو. شبانہ اعظمي ، توهان جي اکين ۾ اهو نالو ٻڏي جگنو ٻريا؟ ها تہ ڪريو . شبانہ کي تازو فلم "فائر"۾ ڏٺم ، شي ازايور گرين مارولس ليڊي، هاڻ هوءَ پارليامينٽ جي ميمبر آهي ۽ اتي وري ساڙهي ٻڌي پيشاني تي بندي هٽي اچي ٿي ، ۽ پردي ڪان وٺي

# ڇا ايم ڪيو ايم حڪومت کان الڳ ٿيندي؟

احمد خان چانڊيو

ايم ڪيو ايم سان لاڳاپيل وفاقي وزير خالد مقبول صديقي حڪومت کي استعيفيٰ جي ڌمڪي ڏني آهي، سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر نواب مرزا ۽ هڪ ٻئي صوبائي وزير استعيفي ڏني آهي. ۽ پيپلز ليگ حڪومت ۽ ايم ڪيو ايم وچ ۾ هلندڙ ”سرد“ جنگ ”گرم“ جنگ ۾ تبديل ٿيڻ جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي. اها حقيقت آهي تہ ڪراچي ۾ متحده جي ڪارڪنن جي ٿيندڙ قتل جي سلسلن نواز سرڪار ۽ متحده وچ ۾ وٿيون پيدا ڪيون آهن، پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا واقعي بہ متحده حڪومت کان الڳ ٿي ويندي؟

سياسي جوڙتوڙ جي ماحول ۾ اهڙا چونڊيل گروپ جيڪي اڪثريتي جماعت جي مجبوري هجن ٿا، تن جي سياسي ڪلچر ۾ سياسي دهمان (بليڪ ميلنگ) ذريعي مراعتون حاصل ڪرڻ شامل هجي ٿو. جيئن تازو پارٽ ۾ جي لليتا بي جي پي سرڪار سان رويو اختيار ڪيو. تنهنڪري ايم ڪيو ايم مان اهڙي توقع فطري عمل هيو. جنهن جو مثال حڪومت نهڻ وارن ڏينهن کان وٺي سندن ”حڪمت عملي“ آهي.

جڏهن کان ڪراچي ۾ آپريشن شروع ٿيڻ جون افواهون اٿيون آهن، تڏهن کان الطاف حسين جا حڪومت کان الڳ ٿيڻ وارا بيان اخبارن جي شهہ سرخين ۾ ايندا رهيا آهن، پر هر دفعي انهن بيانن ۽ دهمانن جي قيمت وصول ڪئي وئي آهي.

تازو جڏهن ايم ڪيو ايم کي نواز حڪومت ۽ رياست طرفان ڪجهہ ”تڪليف“ پهتي تہ هنن ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪئي ۽ جسقم سان اتحاد پڻ ڪيو. جيتوڻيڪ ان اتحاد جا بيان ڪيل مقصد سنڌ دشمن سازشن ۽ فيصلن خلاف گڏيل جدوجهد ٿي آهن، پر ڏسڻ وارن ڪجهہ ٻيو بہ ڏٺو. اتحاد کان ڪجهہ ڏينهن بعد جڏهن سنڌ اسيمبلي ۾ رٿ پيش ڪئي وئي تہ متحده وارن ان جي سپورٽ نہ ڪئي ڇوڻ وارن چيو تہ” اهو اتحاد دراصل هڪ ڪارڊ هو جنهن کي ايم ڪيو ايم ”سرڪار“ وٽ ڪيش ڪرايو. جنهن جو ثبوت متحده جو ڏرٽي ۾ نہ شريڪ ٿيڻ آهي.

جيتوڻيڪ استعيفيٰ وارو بيان اڳين بيانن جي ان رعايتون حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڌمڪي آهي پر ڪجهہ حلقن جو چوڻ آهي تہ ”اهڙو بيان ايم ڪيو ايم خلاف شروع آپريشن جو نتيجو آهي ۽ امڪان آهن تہ ايم ڪيو ايم حڪومت کان الڳ ٿي، جنهن جي نتيجي طور سنڌ ۾ جتوئي حڪومت خاتمو اچي.“

پر تصوير جو هڪ ٻيو رخ بہ آهي. متحده جي چونڊيل نمائندن ۽ ڪجهہ وزيرن تي اڳ ئي ڪيس داخل ٿيل آهن ۽ ڪيترائي اڳواڻ عارضي طور آزاد ٿيل آهن. متحده جي الڳ ٿيڻ جي صورت ۾ وفاقي سرڪار هنن خلاف ڪارروايون نہ ڪندي؟ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ متحده خلاف آپريشن سندن اهڙي قدم کانپوءِ تير نہ ٿيندو؟

امڪانن مان ڪهڙا درست ثابت ٿا ٿين ۽ ڪهڙا غلط، انهن جو فيصلو تہ حالتون ئي ڪنديون. پر سوال اهو آهي تہ هن پوزيشن ۾ جڏهن ايم ڪيو ايم خلاف ڪارروائيون هلندڙ آهن ۽ رياست ڪين ”لٺ ۽ چٽ“ ڏيکارڻ واري حڪمت عملي تحت Handel ڪري ٿي، ايم ڪيو ايم ڪهڙو اختيار ٿي ڪري؟

بهرحال اها حقيقت آهي تہ حالتن ايم ڪيو ايم کي Isolate ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهڙين حالتن ۾ ٻين ڌرين سان سندن اتحاد فطري حڪمت عملي جو نتيجو آهي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ متحده جون اهڙيون حڪمت عمليون سندس مفادن جي ابتڙ نہ هونديون. هن وقت متحده سامهون بہ آپشن آهن. هڪڙو تہ هو ”ڌمڪين“ ذريعي ڪجهہ رعايتون حاصل ڪن يا وري حڪومت کان الڳ ٿي مڪمل طور تي ٽڪر واري پوزيشن ۾ اچن. انهن ٻنهي آپشن مان متحده پنهنجي مفادن کي نظر ۾ رکي فيصلو ڪندي.

ماهوار ”سالار“ مئگزين لاءِ سڄي سنڌ ۾ نمائيندا گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ محنتي نوجوان ڄاڻايل ائڊريس تي رابطو ڪن:
(سالار سٿ)

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وَڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَنِ، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلمَ حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهه ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهه پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهه هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوءِ چالاءِ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)